ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 29 آڪٽوبر 2026ع 17 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (75)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 29th October 2026

ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه پر سڀني جو آهي، اسان اوهان جي هٿان مرڻ لاءِ به تيار آهيون: مولانا فضل الرحمان

پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو آهي، پر هاڻي برداشت جي سگهه ختم ٿي رهي آهي ۽ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن. لانگ مارچ دوران به مون سان رابطو ڪيو ويو

رات جو وزيراعظم جي آفيس مان فون آيو ته وزيراعظم مون کي ملڻ ٿا چاهين. مون دعوت قبول ڪئي ۽ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن کان پوءِ وزيراعظم چيو ته لانگ مارچ ختم ڪيو وڃي

رات سليني ڏهين وڳي اسحاق ڊار جو فون آيو ته ڪابينا ان ڳالهه تي راضي ناهي، اسان معاملي کي صحيح نموني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اتي گورنر راڄ ۽ هنگامي حالت به لاڳو ڪئي وئي

حڪومت آئين جو غلط استعمال ڪيو ۽ طاقت جي زور تي اقتدار جي منتقليءَ جو عمل آندو ويو، آرٽيڪل 2-اي کي نظرانداز ڪري غيرسياسي قدم کنيو ويو، بلوچستان ۾ حالتون ان کان وڌيڪ خراب ناهن

بلڪ ۾ آيو آهي ته خان آف قلات جي پٽ کي به اغوا ڪيو ويو آهي، ڇا وفاق ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي؟ منهنجي جماعت شهيدن جي جماعت آهي، اوهان اسان جي قربانين جو مذاق اڏايو ويو آهي

اڄ ته هڪ ميز تي ويهي نئون ميثاق جمهوريت جوڙيون، جنهن ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌريون شامل هجن. اهو وقت ياد ڪريو، جڏهن ڏکيا ڏينهن هئا ۽ مولانا اڳيان بيهي جدوجهد ڪري رهيو هو

اوهان هر قيمت تي اسان کي بدنام ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اسان حڪومت جي هٿان مرڻ پسند ڪنداسين، پر تاريخ جي هٿان مرڻ نه چاهينداسين: قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان اوهان جي هٿان مرڻ لاءِ تيار آهيون، پر تاريخ جي هٿان مرڻ لاءِ تيار ناهيون هي ملڪ ڪنهن فوجي يا جنرل جو نه پر اسان سڀني جو آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو آهي، پر هاڻي برداشت جي سگهه ختم ٿي رهي آهي ۽ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن. جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف جو لانگ مارچ اسلام آباد ڏانهن اچي رهيو هو ته پي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مولانا فضل الرحمان قائد حزب اختلاف جي قائد ناصر حسين عباسي سان ملاقات ڪندي

صدر آصف علي زرداري پاران اسپين ۾ ٽرين جي افسوسناڪ حادثي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪستان "هڪ چين واري پاليسي" جي حمايت ڪندي تائيوان لاءِ هوائي حدون بند ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت جي اٽي جي اگهن ۾ گهٽتائي ۽ قيمتون برقرار رکڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم، سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ڪڻڪ بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، سڄي ملڪ ۾ ڪڻڪ جي مجموعي دستيابي جو جائزو ورتو ويو

سڄي ملڪ ۾ ڪڻڪ جي وڌيڪ ذخيرن جي دستيابي، پهچ ۾ تسلسل ۽ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي يقيني بڻائڻ جي لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي موثر قدم کڻڻ جون هدايتون

مقامي منڊين ۾ ڪڻڪ جي درآمد جي منصوبن تي پڻ غور، ڪڻڪ جا مناسب ذخيرا برقرار رکڻ ۽ اٽي جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي تعطل کان بچڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: اسحاق ڊار

عوام کي مناسب قيمتن تي ڪڻڪ ۽ اٽي جي دستيابي يقيني بڻائڻ جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي وچ ۾ موثر رابطو لازمي آهي، مارڪيٽ جي رجحانن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سڄي ملڪ ۾ ڪڻڪ جي وڌيڪ ذخيرن جي دستيابي، پهچ ۾ تسلسل ۽ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي يقيني بڻائڻ جي لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي مارڪيٽ جي صورتحال تي ڪڙي نظر رکڻ ۽ موثر قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف گورننس ۾ معيشت جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ الائي بابا گروپ سان جاري تعاون تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ ۾ ماحول دوست منصوبن ۾ سيڙپڪاريءَ جو امڪان، 13 ڪاربن منصوبا وفاق ڏانهن اماڻيا ويا

ڪراچيءَ ۾ ڪلائميٽ فنانس ايسيليريٽر جو انويسٽر روڊ شو، پنجن شعبن جي 10 ادارن پنهنجا منصوبا پيش ڪيا

صوبائي حڪومت پاران 330.13 ملين ٽن ڪاربن اخراج ۾ گهٽتائيءَ جو امڪان رکندڙ منصوبن جي منظوري

صوبي ۾ 62.15 ملين ڊالرن جي ڇهن ترجيحي موسمياتي منصوبن جون تجويزون تيار ڪيون ويون آهن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي جي اثرن ۾ گهٽتائي ۽ ماحول دوست معيشت جي هٿي لاءِ برطانوي حڪومت جي سهڪار سان ڪم ڪندڙ پروگرام "ڪلائميٽ فنانس ايسيليريٽر پاڪستان" جي اهتمام سان ڪراچي جي هڪ مقامي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارروائي، سعودي عرب مان واپس آيل ٻه ڀائر گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) اميگريشن ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪندي سعودي عرب مان واپس آيل ٻن ڀائرن کي گرفتار ڪري ورتو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جو تاجڪستان جي پرڏيهي وزير سان فون تي رابطو

دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جي سياست ڪيترن سوالن ۾ گهيريل آهي: دانيال چوڌري

خيبرپختونخواهه جي سياسي بحران ڪيترائي سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان وفاقي وزير ريلوي جي ملاقات، سفري سهولتن تي بريفنگ

ريل جي سفر کي محفوظ بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن: وزيراعظم

ريلوي ۾ شفافيت، سڌارن ۽ عوامي رليف جي شعبن کي ترجيح ڏني وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ريل جي سفر کي محفوظ ۽ باعتماد بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي پاڪستان ريلوي جي بحالي ۽ انقلابي سڌارن لاءِ مڪمل بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سوشل ميڊيا تي مڪمل پابندي حل ناهي: شزا فاطمه

چائلڊ سيفٽي لاءِ اسٽيڪ هولڊرز تي ٻڌل اسٽيئرنگ ڪميٽي قائم ڪئي ويندي

ٻار مسلسل اسڪرين جي استعمال ۽ ٻاهرين سماجي اثرن کي منهن ڏئي رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه چيو آهي ته ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ سوشل ميڊيا تي مڪمل پابندي لاڳو ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي، بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ 58 انتظامي سڌارا، اربين روپين جي بچت جو امڪان

وڏي وزير جي وفاقي ڪميٽيءَ سان ملاقات، سنڌ ۾ ڪاروباري ماحول بهتر بڻائڻ ۽ رڪاوٽون ختم ڪرڻ جي گهر

سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ ذريعي 19 سرڪاري ادارن جون 150 خدمتون ڊجيٽل، 16,500 کان وڌيڪ اليڪٽرانڪ پرمٽ جاري

مڇي پالڻ ۽ ڪير ٽوڙي مشروبات جي شعبن ۾ سڌارن سان وقت ۽ خرچ بچائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي وزيراعظم جي ريگيوليٽري ريفارمز ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (CCoRR) سان ملاقات ڪئي ته جيئن صوبي ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي بهتر بڻائڻ، انتظامي سڌارن کي تيز ڪرڻ ۽ وفاقي توڙي صوبائي ادارن جي وچ ۾ رابطن کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سي سي او آر آر سان وزير اعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار سان مڪ دفاعي اتحاد جي بحرين سيڪريٽري جنرل ليفٽيننٽ جنرل (ر) نعمان محمود جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان مڪ دفاعي اتحاد جي بحرين سيڪريٽري جنرل ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) نعمان بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ پرڏيهين سان فراڊ ڪندڙ غيرقانوني ڪال سينٽر بي نقاب، 29 ڄڻا گرفتار

اين سي سي آءِ اي لاهور هڪ وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي غيرقانوني ڪال پڪڙي ورتو

لاهور (اي پي پي) نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) لاهور هڪ وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي غيرقانوني ڪال سينٽرز خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو، جنهن ۾ پرڏيهي شهرين کي موبائل بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس آف پاڪستان جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد ۾ تقريب ۾ سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس محمد علي مظهر حلف کڻايو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس آف پاڪستان جي عهدي جو حلف کڻي ورتو آهي سپريم ڪورٽ پاران جاري پڌرائي مطابق اربع ڏينهن سپريم بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي رهيو آهي

سيڪيورٽي فورسز جون بلوچستان ۾ ڪارروائيون، 9 دهشتگرد مارجي ويا

ضلع ڪڇي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو

شديد فائرنگ کان پوءِ 7 سرگرم دهشتگرد مارجي ويا، ڪارروائي دوران هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

ضلع ڏڪ ۾ ڪيل هڪ ٻي ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي چرپر جو پتو لڳائي کين گهيري ۾ آندو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي ڪڇي ۽ ڏڪ ۾ ڀارتي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

"فتنه الهندستان" جي دهشتگردن ۽ سهولتڪارن کي ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪڻ جي جاءِ نه ملندي: گهرو وزير

وفاقي وزير محسن نقوي پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڀارتي اسپانسرڊ عنصرن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون انتهائي واکاڻ جوڳيون آهن، پوري قوم فورسز سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي، بلوچستان ۾ ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. گهرو وزارت مان جاري بيان مطابق محسن نقوي، 9 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو روانگي واپار 2026ع ۾ 435 ملين ڊالر تائين پهچي ويو

فري لانسرز روانگي واپار مان 197 ملين ڊالر آمدني حاصل ڪئي: وفاقي پارلياماني سيڪريٽري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو محور عوامي خدمت ۽ آئين جي بالادستي آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري پئي

صنعتي زونن ۾ سيڙپڪاري ۽ ترقياتي قدمن ذريعي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ سان معيشت مضبوط ٿيندي

سياسي جماعتون بيان بازيءَ بدران عوام کي رليف ڏيڻ، جمهوريت جي تحفظ ۽ عملي قدمن تي ڌيان ڏين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو محور عوام جي خدمت، جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي آهي، عوام مهانگائي، روزگار ۽ بنيادي سهولتن جهڙن مسئلن جو حل چاهين ٿا، سنڌ حڪومت عوام کي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير هارون اختر خان ايس آءِ ايف سي جي وفد ۽ سنڌ جي صوبائي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف پاران اسپين ۾ ٽرين جي افسوسناڪ حادثي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسپين جي شهر ڪورڊوبا ۾ ٽرينن جي خوفناڪ ٽڪر تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي اسپين جي وزيراعظم پيڊرو سانچيز اسپين جي عوام ۽ پنهنجي پيارن کي وڃائيندڙ خاندانن سان بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ الڳ پاليسي جوڙڻ ۽ بجيٽ مختص ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچيءَ ۾ تعليم کاتي جي ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ ٽرايجوڪيشن الائنس پاران اسٽيم پاليسي ڊائلاگ ڪوٺايو ويو

شاگردن ۾ سائنسي سوچ، تخليقي صلاحيتن لاءِ عملي سکيا کي تعليم جو حصو بڻايو وڃي: تعليمي ماهر

نصاب کي جديد دور ۽ صنعت جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي، انجنيئرنگ، آرٽس ۽ رياضي جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ الڳ پاليسي جوڙڻ ۽ بجيٽ مختص ڪرڻ جو مطالبو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسٽيم پاليسي ڊائلاگ دوران اڳواڻ شاگردن سان ملاقات ڪري رهيا آهن

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3500 رپين جي واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

روس ۽ يوڪرين جي صدرن وچ ۾ ملاقات جلد ٿيندي: ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جسٽس محسن اختر ڪياني عدالتي معاملن ۾ مداخلت سبب استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

پنهنجي خدمتن دوران مختلف نوعيت جي 23 هزار کان وڌيڪ ڪيسن جا فيصلا ڪري چڪو آهيان: جسٽس ڪياني

26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن تي خدشا آهن، هاءِ ڪورٽن جي آزادي ۽ اداري جي خودمختياري متاثر ٿي آهي

عهدو ڇڏڻ کان پوءِ به وڪالت ذريعي ماڻهن جي حقن جي بچاءُ ۽ قانوني ڄاڻ وڌائڻ لاءِ پنهنجو ڪم جاري

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني ذاتي سببن ۽ تازو ٿيل آپريشن کان پوءِ صحت بابت خدشن سبب عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي پاڪستان جي صدر ڏانهن موڪليل استعيفيٰ ۾ جسٽس محسن اختر ڪياني چيو آهي ته هو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهيان ۽ پنهنجي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

جسٽس محسن اختر ڪياني جنهن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني

ڪراچيءَ ۾ فلو ۽ انفلوئنزا جي مريضن ۾ واڌ، آغا خان اسپتال ۾ 400 ڪيس رپورٽ

جناح ۽ سول اسپتال ۾ فلو جي علامتن سان ايندڙ مريضن جو انگ وڌي 70 کان 80 روزانو ٿي ويو

طبي ماهرن پاران ٻارن، بزرگن ۽ ڪمزور مدافعتي نظام وارن ماڻهن کي ويڪسين لڳرائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسم جي تبديلي سبب ڪراچي جي سرڪاري ۽ خانگي اسپتالن ۾ فلو، نزلي ۽ زڪام جي علامتن سان ايندڙ مريضن جو انگ وڌي ويو آهي، آغا خان اسپتال ۾ هلندڙ سال انفلوئنزا جا بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪاروباري سرگرمين جي واڌ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون گڏجي ڪم ڪنديون: هارون اختر

ڊڪيائين کي گهٽائڻ ۽ غيرضروري ضابطا ختم ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪئي پئي وڃي

اسٽيل ملز جي 6 هزار 409 ايڪڙ زمين تي خصوصي اقتصادي زون قائم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر خان چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بندرگاهه تي هڪ لک 10 هزار ٽن کان وڌيڪ ڪڻڪ جي هينڊلنگ جاري

بندرگاهه تي 51 هزار ٽن ڪڻڪ کڻي جهاز ايم وي گرڪوبا ايم بندرگاهه پهچي ويو آهي.

وڌيڪ 59 هزار ٽن ڪڻڪ کڻي جهاز ايم وي گريٽ ريمبر 3 نومبر تي پهچندو: پورٽ ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بندرگاهه تي هڪ لک 10 هزار ٽن کان وڌيڪ ڪڻڪ جي هينڊلنگ جاري آهي، جڏهن ته 51 هزار بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

مير رضا علي قتل ڪيس جي جاچ ٽيم کي ڌمڪيون ڏيندڙن جي نشاندهي ڪري رپورٽ جوڙڻ جي هدايت

جاچ ۾ موبائل فون، اسمارٽ واچ، سوشل ميڊيا اڪائونٽس ۽ بين الاقوامي رابطن جو جائزو ورتو وڃي

سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل ادارن کي جي آءِ ٽي سان مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا علي خان جي قتل واري ڪيس جي جاچ لاءِ جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم (جي آءِ ٽي) کي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي کاتن ۾ 836 ارب روپين جي بي ضابطگين جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: حليم عادل

صوبائي حڪومت جي آڊٽ رپورٽ ۾ مختلف کاتن جي خرچن بابت سنگين اعتراض سامهون آيا آهن.

آڊٽ اعتراضن جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن ۾ 836 بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ فوڊ اٿارٽي ۾ اداري جا انتظامي، قانوني ۽ عملي معاملا حل ڪرڻ جو حڪم

صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف معاملن تي غور

اجلاس ۾ سڌارن بابت سفارشون تيار ڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان جي صدارت هيٺ سنڌ فوڊ اٿارٽي جو 13هون اجلاس ٿيو جنهن ۾ اداري جي انتظامي، قانوني ۽ عملي معاملن جو جائزو وٺندي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڊائو ڊائل اسپتال جي ايمبولينس ۾ سلينڊر جو زوردار ڌماڪو، باهه لڳڻ سبب 4 ڄڻا سڙي فوت

اسپتال اڳيان ايمبولينس ۾ لڳل گيس سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽي پيو ۽ گاڏي کي باهه وڪوڙي وئي

باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ايمبولينس ۾ سوار مريض سميت ٽي ڄڻا فوت ۽ مڊوائف سميت ڪيترائي زخمي

اطلاع تي سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا، واقعي بعد امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ويجهو ڊائو ڊائل اسپتال جي ايمبولينس ۾ سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽي پيو زوردار ڌماڪي سبب ايمبولينس کي باهه وڪوڙي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ايمبولينس ۾ سوار بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

هالا: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان عاطف پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي، ڀتا خوريءَ جي الزام هيٺ ٻه جوابدار گرفتار

پاڪ ڪالوني ۾ مقابلي، ڪانوڻ جهانزاده عرف سليم ۽ فواد علي زخمي حالت ۾ سوگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس پاڪ ڪالوني سائيٽ ٽائون ۾ گڏيل ڪارروائي دوران بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي مڪمل تياريءَ سان اسلام آباد مارچ ڪندي ۽ حڪمت عملي جوڙي پيا: حافظ نعيم

وزيراعظم سان ملاقات دوران حڪومت پيٽروليم ليوي جو مناسب جواز پيش نه ڪري سگهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان اعلان ڪيو آهي ته نومبر ۾ اسلام آباد بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي جو ڇاپو، فراڊ ۾ ملوث 47 جوابدار گرفتار

شاهراهه فيصل تي مبينا فراڊ سينٽر تي اين سي سي آءِ اي اوچتو ڇاپو هڻي جوابدار سوگها ڪيا، ڄڻا 5 فرار

ٽيڪنالاجي پارڪ ۾ قائم اذان انٽرپرائزز تي ڪارروائي بعد 52 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن مٿان پرڏيهي شهرين کي فون ذريعي دوکو ڏيڻ جو الزام، 50 ليپ ٽاپ، 26 موبائل فون ۽ ڊجيٽل اوزار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) شاهراهه فيصل تي ٽيڪنالاجي پارڪ جي چوٿين ماڙ تي قائم اذان انٽرپرائزز نالي مبينا فراڊ سينٽر تي ڇاپو هڻي 47 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته 5 جوابدار فرار آهن. واقعي جو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عدالتي حڪم تي ڪي ايم سي جون ست گاڏيون ضبط ڪيون ويون

مختلف ڇهن ڪمپنين کي 10 ڪروڙ رپيا ادائيگيون نه ڪرڻ سبب عدالت اهڙو حڪم ڏنو

ڪورٽ ناظر ست گاڏيون تحويل ۾ وٺي ڇڏيون، وڌيڪ ڪارروائي ايندڙ ڏينهن ڏانهن ملتوي ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عدالت جي حڪم تي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جون 7 گاڏيون ضبط، 6 ڪمپنين جا مارڪ اپ سميت لڳ ڀڳ 10 ڪروڙ رپيا واجب الادا هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ڏهين سينيئر بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالعليم خان نيشنل هاءِ وي اٿارٽي هيڊ ڪوارٽر ۾ اين ايڇ اي منصوبن تي پيش رفت جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ڪياماڙي پوليس جون ڪارروايون، مختلف علائقن مان 36 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ اسٽريٽ ڪرمنل، 6 منشيات فروش، 5 گٽڪا فروش ۽ 18 افغاني شهري شامل

جوابدارن وٽان پستول، ويڙهه، شراب، گٽڪو ماوا سپاريون، موبائل فون ۽ پوليس وردي هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪياماڙي ضلعي پوليس گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون ڪندي 36 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن ۾ هڪ اسٽريٽ ڪرمنل، 6 بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر پاران بلوچستان ۾ 9 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي بلوچستان جي علائقن ڪڇي ۽ ڏڪ ۾ ڪامياب انٽيليجنس بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي سائيٽ ۾ ڦر ڪوشش دوران فائرنگ ۾ نوجوان زخمي، هٿياربند موٽرسائيڪل ڇڏي فرار

ڪورنگي سائيٽ (ن ع) ڪورنگي سائيٽ بدامني جي حوالي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي ٿيو موٽرسائيڪل بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ڪميونيڪيشن اي ايم اي جي ڊائريڪٽر جي ڊي سنگلٽن سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ گهرو تڪرار تان جوابدار ڀاءُ فائرنگ ڪري پنهنجي ٻن ڀينرن کي قتل ڪري ڇڏيو

شاهه فيصل ڪالوني نيو رحمان آباد ۾ جوابدار ريحان پنهنجي ٻن ڀينرن صوبيه ۽ هيرا کي قتل ڪري فرار ٿي ويو

پوليس پهچي ٻنهي ڀينرن جا لاش ڪڍائي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيا

ڪرائم سين يونٽ ۽ فرانزڪ ٽيم کي طلب ڪيو ويو، جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شاهه فيصل ڪالوني ۾ ڀاءُ پنهنجي ٻن سڳين ڀينرن کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو ڪورنگي ضلعي پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته ڪورنگي جي ايس ايس پي ان واقعي جو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سماجي فورم، شاگردن کي تحقيق ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ تي اتفاق

سوشالاجي شعبي پاران "سماجي نظر کان اڳتي" جي موضوع تي فورم منعقد ڪيو ويو

يونيورسٽين جو ڪم رڳو ڊگريون ڏيڻ نه پر شاگردن ۾ شعور پيدا ڪري سماج کي فائدو ڏيڻ به آهي: وي سي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي سوشالاجي شعبي طرفان سماجي نظر کان اڳتي جي موضوع تي فورم منعقد ڪيو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن کي سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم 12 ۽ 13 نومبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندو

وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير اهم مقررين ۾ شامل

معدني وسيلن جي کوجنا، جديد ٽيڪنالاجي ۽ عالمي سيڙپڪاريءَ جا موقعا اجاگر ڪيا ويندا

اسلام آباد (پ ر) پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم 2026ع (پي ايم آءِ ايف 26) 12 ۽ 13 نومبر تي اسلام آباد جي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ منعقد ٿيندو حڪومت پاڪستان جي اهتمام هيٺ ۽ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

BRING THE FUTURE TOGETHER AT
PAKISTAN MINERALS INVESTMENT FORUM 2026
12-13 NOVEMBER 2026 | JINNAH CONVENTION CENTER ISLAMABAD, PAKISTAN
CONNECTING GLOBAL CAPITAL WITH PAKISTAN'S MINERAL POTENTIAL.
www.pakminforum.com

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس پاران مقابلي بعد 2 مبينا ڀتي خور زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ پوليس جي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) پاران سائيٽ ٽائون جي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ڪراچي ۾ نوجوانن پاران هٿيارن جي زور تي شهرين کي مبينا طور هراسان ڪرڻ واري وڊيو جو نوٽيس وٺي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڊفينس ضلعي ڏکڻ ۾ نوجوانن پاران هٿيارن جي زور تي شهرين کي مبينا طور هراسان ڪرڻ واري وائرل بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

اسپين: اسپين ۾ ريل گاڏين ۾ ٽڪر بعد جو منظر

73ع جو آئين وفاق جي علامت آهي ان کي صوبن جي وراثت جو هٿيار نه بڻايو وڃي: نادر خان مندوخيل

مصطفيٰ ڪمال حقيقتن کي مسخ ڪرڻ بدران آرٽيڪل 239 جي شق 4 کي صحيح نموني سمجهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ قادر خان مندوخيل مصطفيٰ ڪمال جي بيان تي سخت ردعمل بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد جي سرڪاري اسڪولن جا مسئلا هڪ هفتي ۾ حل ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسلام آباد جي سرڪاري بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

حڪمران ذاتي مفادن لاءِ آئين ۾ هٿرادو ترميمون آڻي سنڌ کي تباهه ڪرڻ جون تياريون پيا ڪن: زين شاهه

آئيني طور لکيل آهي ته ڏهانا صوبن جا ۽ ڇهانا مرڪز جا هوندا پر هنن ان جي مڪمل ڀڃڪڙي ڪئي آهي

انتظامي يونٽن جو نالو ڏئي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش کي ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين

اسين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سجاڳيءَ جو پيغام پهچائي رهيا آهيون ان شاءَ الله قوم ڌرتي مٿان ڪو سودو برداشت نه ڪندي

سکرنڊ (رپورٽ: قاضي جاويد سنائي) سکرنڊ جي تاريخي ۽ مزاحمتي ڳوٺ ماڙي جلباڻيءَ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران "وحدت سنڌ" جي عنوان تحت قومي ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
[illegible]
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639482, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hyd.net.com.pk

خميس 29 آڪٽوبر 2026ع

جدتن جي کوهيڙي ۾ اڪيلو ٿيندڙ انسان!

ڪو وقت هو، جڏهن پاڙو رڳو گهرن جو ميڙ نه هوندو هو پر هڪ خاندان وانگر هوندو هو. پاڙي ۾ ڪنهن گهر مان ڏک جي خبر ايندي هئي ته سمورو پاڙو ان در تي پهچي ويندو هو. ڪنهن جي گهر ۾ خوشي ٿيندي هئي ته سڀئي ان خوشيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. ڪنهن غريب جي گهر ۾ تڪليف هوندي هئي ته پاڙي جا خوشحال ماڻهو بنا ڪنهن ڏيکاءَ جي سندس مدد ڪندا هئا. اوڙي پاڙي جي هر گهر جي حالت کان ماڻهو واقف هوندا هئا. ڪنهن بيمار جي طبيعت پڇڻ، ڪنهن پوڙهي کي سهارو ڏيڻ، ڪنهن يتيم ٻار جو خيال رکڻ ۽ ڪنهن ضرورت مند جي مدد ڪرڻ سماجي ذميواري سمجهي ويندي هئي. پر اڄ سوال اهو آهي ته اسان جو سماج ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ ڇا اسان ترقيءَ جي نالي ۾ پنهنجي انسانيت، پنهنجا رشتا ۽ پنهنجو سڪون ته نه وڃائي رهيا آهيون؟ جديد دور ۾ سهولتون وڌيون آهن، رابطا آسان ٿيا آهن پر دلين جا فاصلا به وڌي ويا آهن. ماڻهو هڪ ئي گهر ۾ رهڻ هوندي به هڪ ٻئي کان پري نظر اچن ٿا. هٿن ۾ موبائل فون آهن پر هڪ ٻئي لاءِ وقت ناهي. اڄ ڪيترن ئي ماڻهن جي دنيا موبائل جي ننڍڙي اسڪرين تائين محدود ٿي وئي آهي. صبح اکيون کولڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين ڪيترائي ماڻهو مجازي دنيا ۾ گم رهن ٿا. سوشل ميڊيا تي سوين ماڻهن سان رابطا آهن پر پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ ڪنهن بيمار بزرگ جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ وقت ناهي. موبائل اسان کي دنيا سان ڳنڍيو ضرور آهي پر ڪٿي ڪٿي اسان کي پنهنجي ويجهن ماڻهن کان ڌار به ڪري ڇڏيو آهي. اڳي شام ٿيندي هئي ته پاڙي ۾ ويهڪون لڳنديون هيون. ماڻهو هڪ ٻئي سان حال احوال ڪندا هئا. مسئلا ٻڌندا هئا ۽ گڏجي حل ڳوليندا هئا. اڄ دروازا بند آهن، دريون بند آهن ۽ دلين جا در به آهستي آهستي بند ٿيندا پيا وڃن. پاڙي واري جي تڪليف هاڻي ڪيترن ماڻهن لاءِ سندن ذاتي معاملو بڻجي وئي آهي. سڀ کان وڏيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي سماج مان احساس ذميواري گهٽجي رهي آهي. غريب، مسڪين ۽ ضرورت مند ماڻهو اڪثر اڪيلائيءَ جو شڪار آهن. اڳ ۾ جيڪڏهن ڪنهن غريب جي گهر ۾ بک هوندي هئي ته پاڙي وارا ان کي پنهنجي عزت جو مسئلو سمجهندا هئا. پر هاڻي ڪيترائي ماڻهو پنهنجي سهولتن ۽ مصروفيتن ۾ ايترا گم آهن جو پرسان رهندڙ انسان جي تڪليف به نظر نٿي اچي.

رشتا فون ڪالز ۽ پيغامن تائين محدود ٿي رهيا آهن. انسان وٽ وقت گهٽ ناهي، پر ترجيحون بدلجي ويون آهن. ٻيو وڏو خطرو اهو آهي ته سماج ۾ غربت، ڏک ۽ فراق کي ڪيترائي ماڻهو معمول جي ڳالهه سمجهڻ لڳا آهن. ڪجهه ماڻهو ايمانداريءَ کي ڪمزوري ۽ چالاڪيءَ کي ڪاميابي سمجهن ٿا. ٻاهر هجي، نوڪري هجي يا روزاني زندگي، اعتماد جو رشتو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. جڏهن سماج مان سچائي ختم ٿيندي آهي ته پوءِ امن ۽ سڪون به آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳندو آهي. رشوت، اقرباپروري ۽ سفارش جو ناسور به اسان جي ترقيءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. جڏهن قابليت بدران تعلق، ايمانداري بدران سفارش ۽ حق بدران طاقت کي اهميت ملندي ته پوءِ عام ماڻهن جو اعتماد ختم ٿي ويندو. هڪ صحتمند سماج لاءِ ضروري آهي ته انصاف سڀني لاءِ برابر هجي ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي محنت جو حق ملي. زندگيءَ ۾ بيچيني، پريشاني ۽ عدم تحفظ وڌڻ جا ڪيترائي سبب آهن. مادي سهولتون وڌڻ باوجود انسان جو اندر خالي ٿيندو پيو وڃي. گهر وڏا ٿي ويا آهن پر دليون ۽ جاءِ گهٽجي وئي آهي. آمدني جا وسيلا وڌيا آهن پر سڪون گهٽجي ويو آهي. ماڻهن وٽ ڳالهائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي پر ٻڌڻ وارو ڪو ناهي. اسان کي سوچڻ جي ضرورت آهي ته آخر اسان ڪهڙي سماج جي تعمير ڪري رهيا آهيون؟ اهڙو سماج، جنهن ۾ هر ماڻهو صرف پنهنجي ذات بابت سوچي يا اهڙو سماج جنهن ۾ انسان هڪ ٻئي جي ڏک ۽ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿين؟ ترقي صرف وڏين عمارتن، جديد گاڏين ۽ نئين ٽيڪنالاجيءَ جو نالو ناهي. اصل ترقي اها آهي جنهن ۾ انسان انسان جو خيال رکي، جتي پاڙي ۾ محبت هجي، رشتن ۾ گرمي هجي ۽ دلين ۾ سڪون هجي. جيڪڏهن اسان اهو سڀ وڃائي ڇڏيو ته پوءِ جديد دنيا جون سموريون سهولتون به اسان کي خوشي نٿيون ڏئي سگهن.

سنڌي فلم انڊسٽريءَ جو هيرو سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي


منور هنگورو

ڪيرولال پنهنجي مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي سڃاڻپ سبب سنڌ ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو. اتي ڪيترين ئي اهم شخصيتن جنم ورتو آهي. انهن مان سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي هڪ اهڙو نالو آهي جنهن پنهنجي سڃاڻپ رڳو پنهنجي علائقي تائين محدود نه رکي پر سنڌي سئنيما جي تاريخ ۾ به پنهنجو نالو روشن ڪيو.

فاضلاڻي وٽ وڏي زمينداري، دولت ۽ وسيلا هئا پر سندس دل ۾ اهڙو شوق پلجي رهيو هو جنهن کيس فلمي دنيا ڏانهن ڇڪيو. هن پنهنجي شوق کي رڳو خواب بڻائي نه رکيو پر ان کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ عملي قدم به کنيا. هن لاءِ فلم رڳو تفريح جو ذريعو نه هئي پر هڪ اهڙو فن هو جنهن ذريعي هو پنهنجي ڌرتيءَ جي ثقافت، لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪردارن کي پردي تي آڻڻ چاهيندو هو. هن پنهنجي ذاتي وسيلن ۽ صلاحيتن کي استعمال ڪندي سنڌي فلمي دنيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس نالو خاص طور تي فلم عمر مارئي سان ڳنڍيل آهي. جيڪا 1956ع ۾ رليز ٿي ۽ پاڪستان ۾ ٺهندڙ پهرين سنڌي ٻوليءَ جي فيچر فلمن مان تاريخي حيثيت رکي ٿي. هن فلم ۾ فاضلاڻي پاڻ عمر جو ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ته فلم جي هدايتڪاري شيخ حسن ڪئي. هيءَ رڳو هڪ فلم نه هئي پر سنڌي ٻوليءَ جي فن، ثقافت ۽ لوڪ ورثي کي سئنيما جي پردي تي پيش ڪرڻ جي هڪ اهم ڪوشش هئي.

فاضلاڻي جي فني سفر جو ذڪر ڪندي فلم "پرديسي" کي به وساري نٿو سگهجي. جنهن ۾ سندس اداڪاريءَ کي ساراهيو ويو. سندس ڪم سنڌي فلمي دنيا جي انهن ابتدائي ڪوششن جو حصو هو جن اڳتي هلي سنڌي سئنيما جي سڃاڻپ کي مضبوط ڪيو.

چيو وڃي ٿو ته انسان وٽ جڏهن دولت، ملڪيت ۽ آسائشون هجن ٿيون، تڏهن به سندس دل ڪنهن اهڙي خواب جي ڳولا ۾ هوندي آهي جيڪو کيس اندروني سڪون ڏئي. سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي وٽ به زمينداري ۽ مالي وسيلا هئا پر سندس دل جو لاڙو فلمي دنيا ڏانهن هو. هن پنهنجي شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجا وسيلا استعمال ڪيا ۽ پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو فن جي خدمت لاءِ وقف ڪيو. اهو ئي ڪنهن سچي شوقين جو جذبو هوندو آهي. جيڪو پنهنجي پسنديده ڪم لاءِ وقت، محنت، پئسو ۽ صلاحيتون لڳائيندو آهي. پر سوال اهو آهي ته جنهن شخص پنهنجي شوق کي ايتري اهميت ڏني، انهن جي زندگيءَ جي ڪهاڻي اڄ اسان جي نئين نسل تائين ڇو نه پهچي سگهي آهي؟


فلم عمر مارئي ۾ حسين شاهه فاضلاڻي ۽ نگهت سلطانه جو انداز

فاضلاڻي جي شخصيت جو هڪ اهم پاسو سندس ماڻهن سان ورتاءُ بابت پڻ ڳالهيون آهن. مقامي طور بيان ڪيل ڳالهين موجب، سندس خلاف ظلم ۽ زيادتيءَ جي شڪايتون سامهون نه اچڻ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهڙين ڳالهين جي تصديق مستند شاهدن ۽ تاريخي حوالن سان ٿئي ٿي ته اهي سندس سماجي ڪردار کي سمجهڻ لاءِ اهم ثابت ٿي سگهن ٿيون. دولت ۽ زمينداري ڪنهن انسان جي عظمت جو مڪمل معيار ناهن، اصل اهميت ان ڳالهه جي هوندي آهي ته انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين ماڻهن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪري ٿو ۽ پنهنجي سماج لاءِ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو. فاضلاڻي جي زندگيءَ کي به ان ئي نظر سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. جيئن سندس فني خدمتن سان گڏ سندس سماجي ڪردار بابت به مستند معلومات گڏ ڪري سگهجي.

اڄ جڏهن سنڌي فلمي دنيا جي تاريخ تي نظر وجهجي ٿي ته ڪيترن ئي پراڻن فنڪارن ۽ پروڊيوسرن جي خدمتن کي ياد ڪيو وڃي ٿو پر ڪيرولال جي هن اهم شخصيت بابت اڃا به گهڻي تحقيق، دستاويزي ڪم ۽ تاريخي مواد گڏ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته سندس پراڻيون تصويرون، فلمي پوسٽر ۽ ذاتي زندگيءَ جا احوال شايد اهڙا محفوظ ناهن جيڪي اڄ جي نوجوان نسل کي پهچائي سگهجن. ڪيرولال جي هڪ زميندار پنهنجي شوق ۽ فن جي محبت ۾ سنڌي سئنيما جي تاريخ ۾ ڪيئن پنهنجو نالو لکرايو؟ اهو سوال رڳو فاضلاڻي جي خاندان يا ڪيرولال جي ماڻهن لاءِ نه پر سنڌ جي ثقافتي تاريخ سان محبت ڪندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ اهم آهي.

سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي جي زندگيءَ بابت موجود معلومات کي گڏ ڪري، سندس فلمن جي تاريخي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ، سندس خاندان ۽ همعصر ماڻهن جون شاهديون قلمبند ڪرڻ ۽ سندس فني خدمتن تي تحقيق ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اسان کي گهرجي ته اهڙن ڪردارن کي رڳو يادگيرين تائين محدود نه رکون پر انهن جي زندگيءَ کي ڪتابن، اخبارن، ڊاڪيومينٽريز ۽ ڊجيٽل آرڪائيوز ذريعي محفوظ ڪريون.

جيڪي قومون پنهنجي تاريخ کي محفوظ رکن ٿيون، سي پنهنجي ايندڙ نسلن کي پنهنجي سڃاڻپ سان ڳنڍيل رکن ٿيون. سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي رڳو ڪيرولال جو زميندار نه هو، هو سنڌي فلمي تاريخ جي هڪ اهم دور سان لاڳاپيل شخصيت هو. جنهن جي زندگيءَ ۽ خدمتن تي وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سندس نالي کي پيهر تاريخ جي ورقن ۾ نمايان ڪيو وڃي. سندس فن کي ياد ڪيو وڃي ۽ ڪيرولال جي هن وساريل تاريخ کي ايندڙ نسلن تائين پهچايو وڃي. ڇو ته تاريخ جا ڪجهه ڪردار وقت سان وسري ته ويندا آهن پر انهن جي ڪهاڻي محفوظ ڪرڻ اسان جي ذميواري بڻجي ويندي آهي.

نيتن ياهو جا ستارا گردش ۾؟

ڊاڪٽر رشيد نثار ڳاڪڙاڻي

هن وقت دنيا جا ٽيليويزن چئنل ۽ عالمي اخبارون اسرائيل جي موجوده وزيراعظم بين يامين نيتن ياهو جي سياسي مستقبل ۽ وچ اوڀر جي بدلجندڙ صورتحال تي بحث ڪري رهيا آهن. ميڊيا جي خبرن موجب، ووٽنگ ختم ٿيڻ تائين ووٽ وجهندڙن جي شرح لڳ ڀڳ 78 سيڪڙو رهي. جيڪا 1999ع کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ شرح آهي. خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ اسرائيل جون عام چونڊون رڳو حڪومت جي تبديليءَ جو معاملو نه آهن پر اهي وزيراعظم بين يامين نيتن ياهو جي سياسي بقا، جنگي پاليسين، قومي سلامتي ۽ اسرائيل جي مستقبل بابت عوامي فيصلي جو اهم مرحلو بڻجي چڪيون آهن. بظاهر اهي چونڊون هڪ اهڙي صهيوني رياست جي اندروني سياست جو معاملو آهن، جنهن کي پاڪستان سميت دنيا جا گهڻا ملڪ تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿا پر انهن چونڊن جي نتيجن جا علائقائي استحڪام ۽ عالمي امن تي اثر پوڻ جا وڏا خدشا موجود آهن.

نيتن ياهو جي اڳواڻيءَ واري ليڪود پارٽي ۽ سخت گير قدامت پسند ساٿي پارٽين جو مقابلو اڳوڻي فوجي سربراهه گاڊي آئيزنڪوٽ جي اڳواڻيءَ واري ياشر پارٽي ۽ مخالف ڌر جي اتحاد سان آهي. جڏهن مون ميڊيا جي تجزين کان هٽي، هي سياسي مقابلو ويدڪ علم نجوم جي ماهر اک رکيو ۽ پڇيو ته ڇا ستارن جي گردش نيتن ياهو کي وڌيڪ وقت اقتدار ۾ رهڻ جو موقعو ڏئي رهي آهي يا ستارا اسرائيل جي سياست کي ڪنهن نئين موڙ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن ته ان حوالي سان ڪجهه دلچسپ ڳالهيون سامهون آيون.

بين يامين نيتن ياهو ڊگهي سياسي تجربي، قومي سلامتي بابت سخت موقف ۽ سياسي مخالفن جي مقابلي ۾ غيرمعمولي ثابت قدميءَ سبب ڪيترائي ڀيرا سياسي بحرانن مان نڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. ويدڪ علم نجوم ۾ اهڙن ضدي ۽ پنهنجي موقف تي جمي بيهندڙ ماڻهن جي سياست کي عام طور تي زحل، مريخ ۽ مشتري جهڙن سيارن جي علامتي خاصيتن جي بنياد تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. زحل کي نظم ۽ ضبط، اقتدار جي آزمائش، پابندين ۽ ڊگهي مدي وارن نتيجن جي علامت سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته مريخ کي جنگ، جارحاڻي حڪمت عملي، ڇڪتاڻ ۽ فيصلاڪن قدمن سان لاڳاپيل سمجهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح مشتري کي وسعت، سفارتڪاري، موقعن ۽ ڪاميابيءَ جي علامت قرار ڏنو ويندو آهي. نيتن ياهو جي مقابلي ۾ گاڊي آئيزنڪوٽ پنهنجي چونڊ مهم دوران نيتن ياهو جي اقتدار کي چئلينج ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس ڀرپور ڪوشش آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان نيتن ياهو جون مخالف سياسي جماعتون چونڊن ۾ حاصل ڪيل ڪاميابيءَ کي پارليامينٽ ۾ اڪثريت ۾ تبديل ڪري سگهن.

نجومي علامتن موجب مريخ کي فوجي قيادت ۽ فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت، جڏهن ته مشتري کي وقار ۽ نون موقعن سان پڻ لاڳاپيل سمجهيو ويندو آهي. ان پسمنظر ۾ نجومي آئيزنڪوٽ جي فوجي شهرت، جنگي ميدان جي تجربي ۽ تبديليءَ جي خواهشمند ووٽرن جي حمايت کي مثبت سياسي علامت طور ڏسي رهيا آهن.

ويدڪ علم نجوم ۾ سج کي حڪومت، رياستي اختيار، قيادت ۽ سياسي وقار سان لاڳاپيل سمجهيو ويندو آهي. برج ميزان ۾ سج جي موجودگيءَ کي روايتي طور تي ڪمزور، تنهن ڪري اختيار جي معاملن ۽ آزمائش جي حوالي سان ڏٺو ويندو آهي. اسرائيل جي چونڊن جي حوالي سان هن علامت جي هڪ ممڪن اڳڪٿي اها ڪئي وڃي ٿي ته چونڊن کان پوءِ ايندڙ سياسي قيادت کي رڳو طاقت ڏيکارڻ بدران عوامي اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ اتحادي ڌرين سان لاڳاپن تي پڻ ڌيان ڏيڻو پوندو.

نجومين کي آڪٽوبر جي آخري ڏينهن ۾ مشتريءَ جي برج سرطان مان برج اسد ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان نظر اچي رهيو آهي. ويدڪ علم نجوم ۾ برج اسد جو تعلق قيادت، وقار ۽ اقتدار سان جوڙيو ويندو آهي. نجومين موجب مشتريءَ جي اها تبديلي 31 آڪٽوبر تي ٿيندي. اسرائيل جي صورتحال ۾ ان جي ممڪن معنيٰ اها ٿي سگهي ٿي ته سياسي قيادت ۽ اقتدار جي ساک بابت بحث وڌندو ويندو. پيمائي تي سياسي قدر گهٽيا ويندا. قومي ترجيحن جو نئين سر جائزو ورتو ويندو. حڪومتي اتحاد ۾ تبديليون اچي سگهن ٿيون ۽ قيادت جي مستقبل بابت غيريقيني صورتحال وڌي سگهي ٿي.

نجومين جي اڳڪٿي موجب 12 نومبر تي مريخ جو برج اسد ۾ داخل ٿيڻ قيادت، فوجي طاقت ۽ قومي وقار سان لاڳاپيل معاملن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جي علامت ثابت ٿيندو. ان پسمنظر ۾ نومبر جي وچ ڌاري اسرائيلي قيادت طرفان ملڪ جي بچاءُ بابت سخت قدم کڻڻ، ايران تي سفارتي دٻاءُ وڌائڻ ۽ طاقت جي زور تي اندروني حمايت برقرار رکڻ جا امڪان پڻ ظاهر ڪيا پيا وڃن.

منهنجي خيال ۾ نيتن ياهو ڊگهي عرصي کان اسرائيل جي سياست جو مرڪزي ڪردار رهيو آهي. پنهنجي سياسي سفر دوران کيس اقتدار کان ٻاهر به ٿيڻ پيو ۽ هو پيهر حڪومت ۾ واپس به آيو. هاڻوڪين چونڊن ۾ پڻ سندس مخالفن جو سڀ کان وڏو سياسي مقصد کيس شڪست ڏيڻ آهي. تنهن هوندي به، منهنجي نظر ۾ اسرائيل جي پارلياماني نظام ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪرڻ ۽ وزيراعظم بڻجڻ لاءِ گهربل حمايت حاصل ڪرڻ به الڳ ڳالهيون آهن. جيڪڏهن ڪا وڏي سياسي جماعت چونڊن ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪري به وٺي، تڏهن به حڪومت ٺاهڻ لاءِ کيس ٻين اتحادي جماعتن جي سهڪار جي ضرورت پوندي. اهڙيون خبرون پڻ سامهون اچي رهيون آهن ته اسرائيل جي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ ٻه عرب سياسي جماعتون ڪنيسٽ ۽ ايندڙ وزيراعظم جي چونڊ وقت فيصلاڪن ڪردار ادا ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي سگهن ٿيون.

هتي هڪ اهم فرق سمجهڻ جي پڻ ضرورت آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل ۾ حڪومتون تبديل ٿيڻ باوجود قومي سلامتي، دفاعي سهڪار ۽ علائقائي مفادن بابت ڪيترين ئي بنيادي ترجيحن ۾ تسلسل برقرار رهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن نيتن ياهو اقتدار کان ٻاهر ٿي وڃي ۽ ڪا نئين قيادت حڪومتي واڳون سنڀالي، تڏهن به اسرائيل جي پاليسين ۾ اهڙي ڪا بنيادي تبديليءَ جي اميد رکڻ حقيقت پسندي نه ٿيندي.

منهنجي خيال ۾ نيتن ياهو جا ستارا سندس پنهنجن عملن سبب گردش ۾ اچي چڪا آهن جڏهن ته ايران سان ڇڪتاڻ، غزا جي صورتحال، سعودي عرب ۽ ٻين عرب ملڪن تي حملن جا خدشا ۽ ٻين ملڪن جا سلامتيءَ بابت خدشا وچ اوڀر کي هڪ پيچيده مرحلي ۾ وٺي آيا آهن.

تنهن هوندي به، منهنجي لاءِ اها ڳالهه خوش آئند آهي ته ويدڪ نجومي هلندڙ سال جي آخري ٽن مهينن کي سياسي قيادت، علائقائي اتحادن، سلامتيءَ جي حڪمت عملي ۽ سفارتي فيصلن جو نئين سر جائزو وٺڻ لاءِ اهم دور قرار ڏئي رهيا آهن. سندن اڳڪٿي آهي ته جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي دوست ملڪن، خاص طور سعودي عرب ۽ ترڪي جي سهڪار سان خطي ۾ سفارتي رابطن ذريعي اثرائتو ڪردار ادا ڪندو رهيو ته 2027ع اسان جي پياري وطن لاءِ عالمي سفارتي ڪاميابين جو اهم سال ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪڻڪ سستي، اٽو مهانگو: نيت جي کوٽ يا ٻيو ڪجهه!

غلام حسين لغاري

هونئن ته سڄي ملڪ ۾ اٽي جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن پر سنڌ جي خاص ڪري شهري علائقن ۾ اٽو 2 سئو روپيا في ڪلو تي وڃي پهتو آهي. جنهن عام ماڻهوءَ کي ڏاڍي پريشانين طرف ڌڪي ڇڏيو آهي. اٽو مهانگو ٿيڻ جي ڪري تنوري ماني به 50 کان 60 روپين في ماني وڪامي رهي آهي پر حڪمرانن کي عام ماڻهوءَ جي تڪليفن جو ڪو خيال ناهي رهيو رڳو سبسڊيءَ، مفت سبسڊي ڏيڻ جو نالو ڇڻائي سرڪاري ناڻي تي بار وڌو پيو وڃي.

ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ نه ڪڻڪ جي کوٽ آهي نه وري ڪڻڪ جي اٽي جي کوٽ آهي. جيڪڏهن ڪا کوٽ آهي ته حڪومت ۽ واپارين جي نيت ۾ آهي. جن ڪڻڪ جي کوٽ جو بهانو بڻائي ڪڻڪ جي آبادگارن ۽ فلور ملن کي اربين روپين جي سبسڊي ڏني. مارڪيٽ ۾ اٽو مهانگو ڪرايو آهي. جيڪي اڳ ۾ گهر ويهي بينظير انڪم سپورٽ جي پئسن جو انتظار ڪندا هئا. سي هاڻ وري زراعت کاتي، مختيارڪارن ۽ تپيدارن جي در تي ڪڻڪ سبسڊيءَ جي پئسن لاءِ ڌڪا کائيندي نظر اچن ٿا. جڏهن اربين روپين جو خزانو خالي ٿيندو ته لازمي آهي ته ڪڻڪ ۽ اٽو ته مهانگو ٿيندو. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي في ايڪڙ اوسط مجموعي پئداوار ۾ واڌ جو پڌرو آهي ۽ اهي سڀ پڌرو ٿيا آهن ته آبادگارن کي ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي خريداريءَ جي مد ۾ ايڪڙ ۽ رعايت ڏني ۽ نقد رقم ڏني آهي جنهن سان آبادگارن جي حوصلا افزائي ٿي آهي. اٿين هتي رڳو ڪڻڪ پوکي پئداوار وڌائي آهي. جيڪڏهن ايراضي ۽ پئداوار ٻئي ٿيون وڌيون ته پوءِ ڪڻڪ ڪيڏانهن وئي؟ ڪڻڪ جي کوٽ ڇو پيدا ٿي؟ مارڪيٽ ۾ اٽو ڪهڙي سبب مهانگو ۽ عوام جي پهچ کان پري ٿيو ۽ ٿورت خريد جو گهٽ ٿي آهي؟ انهن سوالن جا جواب حڪومت سميت لاڳاپيل ڌرين کي ڏيڻ گهرجن. جڏهن ملڪ ۾ ديسي ڪڻڪ جي گهٽ پئداوار ڏيکاري جنسون هيون تڏهن به ڪڻڪ ۽ اٽي جي ڪا کوٽ نه ٿي. تڏهن ته اٽو به اڄ جي اگهه ۾ مليو ٿي. جيڪو هاڻي به کان 7 هزار في من کان ملي رهيو آهي ۽ عوام بک وگهي مري رهيو آهي.

سنڌ ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي ڪا کوٽ ناهي. بلڪ مصنوعي کوٽ پيدا ڪرائي وئي آهي. جنهن جو وڏو سبب فلور مل مالڪن ۽ واپارين کي ملي فائدو پهچائڻ آهي. واپاري يا مل مالڪ ڪي لڪائيل ناهن. وقت جي حڪمرانن جا پيدا ڪيل پنهنجا ئي آهن. جيڪي ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي ڪري مصنوعي کوٽ پيدا ڪن ٿا. گذريل ڪجهه سالن دوران ڪڻڪ جا وڏا اسڪينڊل سامهون آيا جن ۾ لکين من ڪڻڪ سرڪاري گدامن مان گم ٿيڻ جو ذڪر آيو پر لکين من ڪڻڪ سرڪاري گدامن مان غائب ٿيڻ جي باوجود ڪنهن به آفيسر خلاف خاطرخواه احتساب ٿيندي نظر نه آيو ته وري ڪنهن کي سزا ملي آهي. اطلاع آهن ته جن به رجسٽرڊ آبادگارن کي ڪڻڪ سبسڊي ملي، انهن ڪڻڪ پوکي ئي نه هئي ته وري اهڙن آبادگارن جي ڪڻڪ سرڪاري رڪارڊ تي چڙهي. پر پوءِ اهڙن آبادگارن کي هن سال به سبسڊي ڏني ويندي. جڏهن سبسڊي حاصل ڪندڙ آبادگارن جو موقف ورتو ويو ته سندن چوڻ هو ته انهن ڪڻڪ پوکي پر وقت سر خريداري شروع نه ٿيڻ ڪري سرڪار بدران نجي واپارين کي وڪرو ڪئي.

ڪڻڪ جي کوٽ ۽ اٽي جي وڌندڙ اگهن جو هڪ ٻيو سبب اهو به آهي جو جڏهن ديسي جنسون هيون تڏهن آمدني مهانگي ڪجهه قدر هوندي هئي، پوءِ به موجوده دور ۾ ڪڻڪ جي هر سال پئداوار وڌندي وئي آهي. هاڻي ڳوٺن ۾ آبادگارن کي ٻج ۽ ڀاڻ جي اگهن جو ڳڻتي آهي. پر جڏهن ڪڻڪ جي ڳالهه ٿئي ٿي ته ڪڻڪ مهانگي ٿيڻ جو سبب آبادگارن کي لاڳاپيل ڪري انهن جي پئداوار تي ڏوهه ڏنو وڃي ٿو. ڪڻڪ ڪٿي وئي؟ جي آبادگارن جا حڪومت جي آبادگارن جي ٻج ۽ سبسڊيءَ جي خريداريءَ ۾ سبسڊي جو ڪم ڪيو وڃي؟ روزاني سئو روپين جي ڪمائي ڪندڙ مزدور ڪٿان اٽو خريد ڪري؟ ڪڻڪ جي خريداري ۽ اٽي جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ حڪومت کي واپارين ۽ مل مالڪن خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻي پوندي. جڏهن ته هڪ ڪڻڪ پيدا ڪندڙ صوبي جي ماڻهن کي ٻين صوبن کان به مهانگو اٽو کائڻو پوي ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي سستو اٽو ڏيڻ لاءِ حڪومت کي سنجيده قدم کڻڻا پوندا ۽ ڪڻڪ سميت هر فصل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ مستقل بنيادن تي رٿابندي ڪرڻي پوندي ته جيئن ايندڙ وقت ۾ ماڻهن کي اهڙن بحرانن کان بچائي سگهجي.

واهي پانڌي پرسان ڪوٽيرو ڏڙو جي تباهيءَ جو داستان!

نور سنڌي

(حصو پهريون)

سنڌ جي تاريخ رڳو انهن شهرن ۽ آثارن تائين محدود ناهي، جن تي وڏيون ڪتابون ٿيون، محققن گهڻو ڪم ڪيو ۽ ڪتاب لکيا ويا پر سنڌ جي ڪيترن ئي قديم ماڳن جي تاريخ اڄ به مٽيءَ جي تهن، جبلن جي دامن، سڪل درياهي وهڪرن ۽ مقامي ماڻهن جي يادگيرين ۾ لڪل آهي. دادو ضلعي جي ڪاڇي واري علائقي ۾ واهي پانڌي ۽ ان جي پرسان موجود ڪوٽيرو ڏڙو به اهڙن ماڳن مان هڪ آهي، جن جي تاريخي، آثار قديمه ۽ ثقافتي اهميت تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ڪاڇي جو علائقو قديم انساني آبادڪاري، پاڻيءَ جي وسيلن، زرعي زندگي، ٻارن جي اوڙاڻ ۽ واپاري رابطن بابت ڪيترائي سوال اٿاري ٿو. انهن سوالن جا جواب رڳو روايتن سان نه پر سائنسي تحقيق، آثارن جي حفاظت ۽ تاريخي حوالن جي ڇنڊڇاڻ سان ئي ملي سگهن ٿا. واهي پانڌي دادو کان اولهه طرف لڳ ڀڳ 45 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. ڪاڇي کان تقريبن 25 کان 28 ڪلوميٽر پري واقع 'گورک هل اسٽيشن' ڏانهن ويندڙ رستي تي هي شهر هڪ دروازي جي حيثيت رکي ٿو. هتان کان جبلن ڏانهن ويندڙ رستي ۾ قدرتي نظارا، جبلن مان لهندڙ نئيون، پراڻيون وسنديون ۽ تاريخي ماڳ نظر اچن ٿا. ان سان گڏ ڪيترن ئي قديم وهڪرن جا نشان اهڙا ملن ٿا، جيڪي هن علائقي جي زميني بناوت ۽ انساني زندگيءَ سان پراڻي زماني کان لاڳاپيل رهيا آهن. واهي پانڌي اڄ ڪاڇي جي ماڻهن لاءِ واپار، تعليم، علاج، سفر ۽ روزمره ضرورتن جو اهم مرڪز بڻجي چڪو آهي. شهر ۾ دڪان، مارڪيٽون، هوٽلون، رهائشي عمارتون، تعليمي ادارا، بنيادي هيلٿ سينٽر ۽ گاڏين جي مرمت جا دڪان موجود آهن.

واهي پانڌيءَ جي نالي بابت مقامي سطح تي مختلف روايتون ملن ٿيون. هڪ روايت موجب جبلن مان نڪرندڙ مٺي پاڻيءَ جي وهڪري يا چشمي سبب هن هنڌ کي 'واهي' چيو ويو. ٻي روايت ۾ پانڌي خان لغاريءَ جو نالو اچي ٿو. جنهن پنهنجي خاندان ۽ مال متاع سان گڏ پاڻيءَ ويجهو ڏيرا وسايا. مقامي بيانن ۾ 'پانڌي' لفظ کي مسافر يا واٽهڙوءَ جي معنيٰ ۾ به ورتو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو ته هي علائقو جبلن ڏانهن ويندڙ مسافرن لاءِ پڙاءُ جو هنڌ رهيو. ڪيرٿر جي قديم آثارن کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ لاءِ منهنجو پهريون سفر تقريبن 1993ع ۾ پاڪستان ڪرڻ رسماڻي سان گڏ ٿيو هو. جڏهن واهي پانڌي ۽ ڪوٽيرو ڏڙي تي وڃڻ جو موقعو مليو. ان سفر دوران هن علائقي جي قديم تاريخ ۽ آثارن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو تجربو حاصل ٿيو. ان کان پوءِ به گورک هل اسٽيشن ڏانهن ويندي واهي پانڌي واري رستي سان سفر ڪندي واهي پانڌي ۽ ڪوٽيرو ڏڙي کي ڏسڻ جا موقعا ملندا رهيا آهن. اهڙيءَ ريت هن قديم ماڳ سان منهنجو واسطو رڳو ڪتابن ۽ تحقيقي حوالن تائين محدود نه رهيو پر ذاتي مشاهدي ۽ بار بار اتي وڃڻ جي تجربي سان به جڙيل آهي. هن شهر ۾ اسان جو سينئر صحافي دوست ۽ سماجي ورڪر امان الله برهماڻي به رهي ٿو.

واهي پانڌيءَ کان اتر اولهه ڪجهه ڪلوميٽر جي فاصلي تي گوٺ صاحب خان لغاري ويجهو موجود ڪوٽيرو ڏڙو هن علائقي جي اهم آثار قديمه وارن ماڳن مان هڪ آهي. مختلف حوالن ۾ هن ماڳ لاءِ 'ڪوٽيرو ڏڙو'، 'واهي پانڌي ڏڙو' ۽ 'پانڌي واهي ماڻهوندڙ' جهڙا نالا استعمال ٿيا آهن. نالي جي حوالي سان هڪ مقامي خيال اهو آهي ته 'ڪوٽيرو' جو تعلق ڪوٽ يا قلعي سان ٿي سگهي ٿو پر ان جي ٻوليءَ واري اصل ۽ تاريخي معنيٰ بابت پڪيون شاهديون نه ملي سگهيون آهن. ڪوٽيرو ڏڙي جي اهميت جو هڪ بنيادي سبب اهو آهي ته هتان جي آثارن کي سنڌ جي قديم آبادڪاريءَ جي مختلف مرحلن سان ڳنڍيو ويو آهي. آثار قديمه جي مطالعي ۾ هيٺين تهن مان آمري تهذيب ۽ ثقافت سان لاڳاپيل نشان ۽ مٿين تهن مان هڙپائي يا سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي روايت سان لاڳاپيل نشان ملڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن انهن تهن جي سڃاڻپ ۽ تاريخن جي تصديق تفصيلي کوٽائيءَ وسيلي ٿئي ته اهو ماڳ سنڌ جي قديم ثقافتي لاڳاپن ۽ آباديءَ جي تسلسل کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو. اهڙن ڏڙن جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي جو اهي ڪنهن هڪ دور جي رهائش جو ثبوت نه پر مختلف زمانن ۾ انساني زندگيءَ جي تبديلين جا نشان محفوظ ڪري سگهن ٿا. آثار قديمه جي ماهر اين جي مجمدار جو نالو سنڌ جي قديم ماڳن جي سروي ۽ کوٽائيءَ جي حوالي سان اهم آهي. جنهن ڪوٽيرو ڏڙي جي ابتدائي آثار قديمه واري جاچ کي 1926ع کان 1929ع واري عرصي سان ڳنڍيو ويو آهي.

ڪوٽيرو ڏڙي مان مليل يا ان سان منسوب ڪيل آثارن ۾ ٺڪر جا ٿانو، ڳاڙهي يا هلڪي زميني رنگ تي ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ سان ٺهيل جاميٽري نمونا، سوراخدار ٿانو، پٿر جا اوزار ۽ ٺڪر جون ٺهيون چلهان جهڙي پٿر مان ٺهيل اوزار شامل آهن ۽ قديم انسان جي روزاني ڪم، شڪار يا دستڪاريءَ بابت ڄاڻ ڏئي سگهن ٿا. ٺڪر جون جانورن جون شڪليون، ٻڪرين ۽ ٻلن جون شڪليون سان لاڳاپيل شيون ۽ ڦيٿن جا نشان ان دور جي گهريلو زندگيءَ ۽ مسڪن بابت سوال پيدا ڪن ٿا. ڪجهه بيانن ۾ ٽامي جي شين ۽ قيمتي پٿرن مان ٺهيل منڪن جو ذڪر به ملي ٿو.

لاجورد جهڙن پٿرن مان ٺهيل منڪن جي موجودگيءَ کي قديم دور جي ڊگهي فاصلي واري واپار جي امڪاني شاهدي طور ڏسي سگهجي ٿو. لاجورد جو اهم قديم ذريعو اڄوڪي افغانستان جي بدخشان واري علائقي سان ڳنڍيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪوٽيرو ڏڙي مان مليل منڪن جي سڃاڻپ ۽ اصليت جي تصديق ٿئي ٿي ته اهي ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري سگهن ٿيون ته هتان جا ماڻهو وسيع واپاري يا ثقافتي نيٽ ورڪن سان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڳنڍيل هئا. تنهن هوندي به ڪنهن درآمد ٿيل شيءِ جي موجودگيءَ مان اهو لازمي ثابت نٿو ٿئي ته اها سڌي واپار وسيلي ئي هتي پهتي هئي. اهڙي وچ وارا واپاري مرحلا، زميني رستا ۽ مختلف برادرين جي مٽاسٽا به اهڙي رابطي جو ذريعو ٿي سگهي ٿي.

ڪوٽيرو ڏڙي جي ڪوٽائيءَ دوران ڏڙي جي بناوت ۽ ان سان لاڳاپيل ڀتين بابت به وڌيڪ جاچ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته انهن ڀتين جا آثار ئي ڪئين رهيا آهن پر ان تحقيقي مواد ۾ ڀتين جي مختلف رخن ۽ هڪ حصي ۾ پاسيرين ڀتين جي بناوت جو ذڪر ملي ٿو. اهڙيون بناوتون جيڪڏهن ڪوٽائيءَ جي اصل رڪارڊ سان ثابت ٿين ٿيون ته انهن جي مقصد بابت سوال پيدا ٿين ٿا ته ڇا اهي رهائشي جڳهون هيون؟ حفاظتي ڀتيون يا ڪنهن وڏي عمارت جو حصو يا مختلف دورن ۾ ٺهيل بناوتون؟ صرف ڀت جي موجودگيءَ مان ڪنهن ماڳ کي مڪمل قلعي وارو شهر قرار نٿو ڏئي سگهجي. ان لاءِ دورن، ڀتين جي تسلسل، رهائشي تهن، نقشي موڙڪ ۽ ٻين آثارن جي گڏيل مطالعي جي ضرورت آهي. ماڳ جي ماپ بابت پڻ مختلف انگن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن موجب ڏڙي جي اصل اوچائي لڳ ڀڳ 20 فوٽ يا 6 ميٽر ۽ ايراضيءَ بابت 12 هزار 7 سئو 33 چورس ميٽر ٻڌائي وئي آهي. پر هاڻ انهن ڏڙن جي اوچائي ٿورن فوٽن تائين ۽ ايراضي هاڻ ان ايڪڙن تائين وڃي رهي آهي. ڏڙي جي پاسي واري زمينن جي جهوپڙن ڏڙي سان دشمني هجي جو ٽريڪٽرن ذريعي ان ڏڙي کي وڌيڪ تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن.

ڪوٽيرو ڏڙي واري علائقي جي پرپاسي جي قدرتي آبي نظام جو ذڪر ڪرڻ به اهم آهي. ڪيرٿر مان نڪرندڙ نئيون ۽ موسمياتي وهڪرا هتي جي زرعي ۽ انساني زندگيءَ جا بنيادي وسيلا رهيا آهن. مقامي روايتن ۾ نئين جي پاڻيءَ جا مختلف وهڪرا ۽ واهه پڻ ڪيا وڃن ٿا. انهن مان نئين ولاهه، نئين جو چول، ڪوٽيرو واهه ۽ چراگاهه وارو وهڪرو جهڙا نالا ٻڌايا وڃن ٿا. جبلن مان لهندڙ پاڻيءَ جا وهڪرا هميشه مستقل درياهه نه هوندا آهن. انهن مان ڪي موسمي هوندا آهن، ڪي برسات دوران تيز وهندا آهن ۽ ڪي زمين جي بناوت موجب نئين شاخن ۾ ورهائجي ويندا آهن. پراڻي زماني جا ماڻهو اهڙن وهڪرن کي روڪڻ، موڙڻ ۽ زرعي زمينن تائين پهچائڻ لاءِ مقامي بندن جو استعمال ڪندا هئا. ڪاڇي ۾ پاڻيءَ جي ڳالهه ڪرڻ، نئين، بندن، گنڊن ۽ زمين مان فائدو وٺڻ جون روايتون ان انساني تجربي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

(هلندڙ)

اڄوڪو ڏينهن — 29 آڪٽوبر

مختيار آز

نرملداس ڏرمداس گربخشاڻي

هي پنهنجي دور جو برک اديب ۽ تعليم دوست انسان هو. ڊاڪٽر محمد پناهه پنهنجي ڪالمن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 29 آڪٽوبر 1889ع ڄاڻائي آهي. سونو سڌو آل جهونالي پنهنجي ڪتاب A Dictionary of Sindhi Literature ۾ لکيو آهي ته ورهاڱي کان اڳ هن لاهور جي ديال سنگهه ڪاليج ۽ ميرٺ شهر ۾ قائم ميرٺ ڪاليج ۾ نوڪري ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ هن ممبئيءَ ۾ ڪملا هاءِ اسڪول قائم ڪيو هو. هن برهمو اڳواڻن جون سوانح عمريون لکيون. هن جن اڳواڻن جون جيون ڪهاڻيون تحرير ڪيون، ان ۾ راجا موهن راءِ، ڪشب چندرسين، ساڌو نيوال ۽ ديويندرناٿ ٽاگور شامل آهن. هن گرشم پڻ جي زندگي تي به هڪ ڪتاب لکيو. هن 1966ع ۾ هي جهان ڇڏيو. هن نظرياتي انسان جي سوانح حيات ۽ ڪارنامن تي مشتمل ڪتاب "Life Sketch of Dada Nirmaldas D. Gurbuxani — Founder of Kamla High School" 1968ع ۾ سينا ساماڻي ترتيب ڏئي ڇپايو.

حسين بادشاهه

هو مشهور ليکڪ، صحافي ۽ محقق هو. جنم 29 آڪٽوبر 1967ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو محمد حسين بادشاهه ولد محمد موسيٰ سومرو آهي. هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات مختلف اخبارن جي رپورٽر ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر طور ڪيائين. هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم به لکيا. جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيا. هن لڳ ڀڳ 18 ڪتاب لکيا. جن مان اڪثر ٻين ٻولين مان ترجمو ٿيل آهن.

طارق خشڪ

هو ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ ناول نگار جو جنم 29 آڪٽوبر 1977ع تي شهدادڪوٽ شهر ۾ ٿيو. هن سموري تعليم پنهنجي اباڻي شهر شهدادڪوٽ مان حاصل ڪئي ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪاليج ليڪچرار طور ڪيائين. هن 1992ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو. هن مختلف ٽيليويزن چينلن لاءِ ڊراما ۽ ڪهاڻيون لکيون. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سرڪ واري جوڳي" (ڪهاڻيون)، "ڪنول منهنجي ساهه ۾ آهين" (ڪهاڻيون) ۽ "سونهن هوائن ۾ گلولجان" (ناول) شامل آهن.

اسماعيل شاهه

اڄ ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار اسماعيل شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 22 مئي 1962ع تي بلوچستان جي شهر پشين ۾ ٿيو. هن 1975ع ڌاري پاڪستان ٽيليويزن ڪوئيٽا سينٽر جي بلوچي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ شروع ڪئي. ان بعد اردو ڊرامن ۾ به اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين. هن جو پهريون اردو ڊرامو "شاهين" هو. جيڪو 1980ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو. انهيءَ ڊرامي ۾ هن جي اداڪاريءَ کي گهڻو ساراهيو ويو. هن ٻين اردو ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي. ان ۾ ريگستان، جنگل، هزارون راستي ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن. ان بعد هن فلمن ۾ به ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سندس پهرين اردو فلم "باغي قيدي" هئي. جيڪا 1986ع ۾ رليز ٿي. ان بعد هن ڪيترين ئي اردو ۽ پنجابي فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن 29 آڪٽوبر 1992ع تي وفات ڪئي.

سيٺ شيوڪ رام لوهاڻو

سيٺ شيوڪ رام لوهاڻو سانگهڙ ضلعي جي شهر کپري جو مشهور زميندار ۽ سرندي وارو ماڻهو هو. هو پنهنجي خيراتي ڪمن جي ڪري پنهنجي دور ۾ تمام گهڻو مشهور هو. کيس انگريز سرڪار پاران راءِ صاحب جو خطاب مليل هو. هن جي شخصيت بابت تفصيلي مضمون استاد لغاريءَ جي ڪتاب "مي کنڊي ڪاٿ ڪٺوريا" ۾ پڙهي سگهجي ٿو. هن جي جنم جي صحيح تاريخ جي خبر نه پئجي سگهي آهي. پر استاد لغاريءَ مطابق هن جو جنم 1890ع ڌاري ٿيو هوندو. هن ڪنهن به اسڪول ۾ باقاعده تعليم حاصل نه ڪئي هئي پر ٿورو گهڻو لکي پڙهي سگهندو هو. هن کپري شهر ۾ ڪيترائي عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪيا. هو غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي سندن ضرورتن جي شين لاءِ مالي مدد ڪندو هو. جڏهن به سوالي واپس ايندو هو ته ان کي خالي نه موٽائيندو هو ۽ سندس گهر جون پوريون ڪندو هو. کپري ۾ سرڪاري اسپتال ۽ اريگيشن واري بنگلي جي زمين به هن عطيو ڪئي هئي. هن کپري شهر ۾ ڌرمشالا، پاٺشالا، مڙهيون ۽ مسافرخانا تعمير ڪرايا ۽ مرادي پارڪ لاءِ به پنهنجي زمين بخشش ڪئي. هن 29 آڪٽوبر 1959ع ۾ کپري ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس پوءِ سندس گهر واريءَ شريمتي سانول ٻائي سندس خير جا ڪم جاري ڪيا ۽ کپري ۾ هڪ ويٽ گهر پڻ قائم ڪيو.

انورالدين شيخ



انورالدين شيخ هڪ محنتي استاد، انتظامي سربراهه ۽ مشهور ليکڪ هو. هن جي پيدائش 16 نومبر 1931ع تي ٻني عاقل ۾ ٿي. هن جو والد امير بخش شيخ ٽائون ڪميٽي ٻني عاقل جو چيئرمين رهيو. هن ابتدائي تعليم ٻني عاقل مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڊي سي هاءِ اسڪول سکر مان پاس ڪيو. هن انٽرميڊيٽ ڪلاس جو امتحان سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور مان پاس ڪري بي اي ۽ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. پوءِ مختلف اسڪولن جو هيڊ ماستر پڻ رهيو. بعد ۾ هو تعليمي بورڊ سکر جي ڪنٽرولر ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف اسڪول ايجوڪيشن حيدرآباد ۾ شماريات آفيسر طور ڪم ڪيو. 1985ع ۾ پنهنجي هم خيال دوستن سان ملي هن تعليم جي واڌاري لاءِ مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ سوسائٽيءَ پاران مهراڻ ماڊل اسڪول قائم ڪيائين ۽ پاڻ انهيءَ اسڪول جي پرنسپال طور ذميواريون سنڀاليائين. هن ڪجهه ڪتاب تحرير ۽ ترجمو ڪيا. جن ۾ "رهبر" (ترجمو) ۽ "جديد سنڌي مضمون" شامل آهن. ان کان علاوه رياضيءَ تي به هڪ ڪتاب لکيائين. هن 29 آڪٽوبر 2005ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيو.

پروفيسر امير علي قادري



اڄ مشهور تعليمي ماهر پروفيسر امير علي قادريءَ جي وفات جو ڏهاڙو آهي. سندس جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو ۽ هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ ۾ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪئي. ڪجهه وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين ۽ بعد ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اڳتي هلي ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ سوشل سائنسز واري فيڪلٽيءَ جو ڊين بڻجي رٽائر ٿيو. هو ڪيترائي ڀيرا سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن جو سرگرم عهديدار رهيو. استادن جي يونين ۾ حصو وٺڻ سبب ڪجهه عرصو کيس نوڪريءَ مان برطرف به ڪيو ويو پر عدالت جي حڪم تي هو پيهر نوڪريءَ تي بحال ٿيو. هن 29 آڪٽوبر 2010ع تي وفات ڪئي.

ولي رام ولڀ



اڄ سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪ ۽ مترجم ولي رام ولڀ جي ورسي ملهائي پئي وڃي. هن سڄاڳ ونڊ ساهتڪار جي جنم جي اصل تاريخ 18 آگسٽ 1941ع آهي. البت اسڪول رڪارڊ ۾ هن جي جنم جي تاريخ 16 مارچ 1944ع درج ٿيل آهي. مٺيءَ جي سرزمين تي جنم وٺندڙ هن مهان شخصيت مئٽرڪ تائين تعليم مٺيءَ مان حاصل ڪئي. ان بعد سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد، جناح ڪاليج ڪراچي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري ايل ايل بي، ايم اي (اردو)، ايم اي (ماس ڪميونيڪيشن) ۽ ايم اي (سوشيالاجي) جون سندون حاصل ڪيائين. شروع ۾ هن مختلف ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيون. 1967ع کان 1988ع تائين هڪ انجنيئرنگ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ انهيءَ ڪمپنيءَ جي حيدرآباد واري شاخ جي مئنيجر ۽ بزنس ايگزيڪيوٽو طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1988ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جتان ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اينٿروپالاجيڪل ميوزيم جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ بعد شريف اسڪوائر حيدرآباد ۾ بلو اينجلس نالي سان هڪ اسڪول کوليائين ۽ لاڏاڻي تائين انهيءَ اسڪول هلائيندو رهيو. سنڌي ادب ۽ صحافت لاءِ سندس ڪيل خدمتون ڪنهن کان به ڳجهيون ناهن. هن کي سنڌيءَ سان گڏ پنجابي، پارسي، گجراتي، سرائڪي ۽ هندي ٻولين تي عبور حاصل هو. پاڻ هڪ مهان ساهتڪار هو. سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ناول، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻين ڪتابن جي فهرست ڪافي ڊگهي آهي ۽ هن ننڍڙي ڪالم ۾ انهن سمورن ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ ممڪن ناهي. سندس سنڌي خطن جا مجموعا "مٺي مٺي مون کي ٽڪا" ۽ "سنيهڙا" به سنڌي ادبي دنيا ۾ ساراهه جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا. سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت دوران ٽه ماهي رسالي "ڪلاچي" جو ڪجهه سال ايڊيٽر رهيو. هن پروفيسر مظفر حسن سان ملي آرسي نالي هڪ ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيو. ولي رام مختلف ادبي رسالن جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو. هن جو تفصيلي احوال سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ شامل آهي. سنڌ جو هي سرموڙ ساهتڪار 29 آڪٽوبر 2023ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سندس وفات جي موقعي تي مشهور ادبي رسالي امرتا هڪ خاص نمبر شايع ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 438 سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءَ حاجي رهندڙ غلام محمد چانڊيو پاڙو نزد گرڊ اسٽيشن سانگهڙ روڊ نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف.. شان ولد اصغر سولنگي رهندڙ نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03072339748 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 472 سال 2026

مسمات انيسه ڌيءَ قربان علي زال اعجاز علي رهندڙ فوجي ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف.. اعجاز علي ولد محمد اسلم رهندڙ رمضان راهو ڪالوني قاضي احمد ضلع شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 175 سال 2026

مسمات زرينا ڌيءَ احمد مگسي رهندڙ نزد گايا اسپتال عمران ٽائون ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. آصف ولد مهرالله خان مري رهندڙ ڪوري ڦاٽڪ ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم/MTMC/I ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي Sobyani ولد ٽنڊو هندو بالغ ذات اوڏ رهندڙ شيدي هوٽل هاشم نگر ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. سومار ولد ڪرشن هندو بالغ ذات اوڏ رهندڙ پيارو اسٽاپ نزد شوو مندر ضلعو عمرڪوٽ 03423782369.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم/MTMC/I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 63 سال 2026

مسمات زاهده ڌيءَ محمد خان زال محمد سليم رهندڙ ڳوٺ علي غلام لغاري جهڏو ديهه 354 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد سليم ولد غلام شبير رهندڙ محلا بهار ڪالوني غريب آباد ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 421 سال 2026

مسمات صدف ..پلينٽف ...بخلاف.. نويد ولد علي محمد جوڻيجو حال رهندڙ ارش ميڊيڪل سينٽر علمدار چوڪ قاسم آباد حيدرآباد نزد گرلس ڊگري ڪاليج قاسم آباد حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ ٻئي درخواست زير قلم S.17-A مسلم فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 407 سال 2026

مسمات غلام فاطمه ..پلينٽف ...بخلاف.. عرفان علي ولد گلاب علي ذات سولنگي رهندڙ مرير سينٽر ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03468254071. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج 4th حيدرآباد
(روبرو جناب صدام حسين نوهڙي)
فيملي سوٽ نمبر 1759 سال 2026

(1) مسمات ناياب ڌيءَ حسين بخش رهندڙ گهر نمبر 357 اسٽريٽ نمبر 11 نقاش ولاز فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد (2) عريب فاطمه ڌيءَ فرقان علي .. مائنر ..پلينٽف ...بخلاف.. فرقان علي ولد علي محمد رهندڙ ڳوٺ ڪريم آباد گانگلو بي او اوڊيرو لعل اسٽيشن ضلعو مٽياري. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف حق مهر جي رڪوري، مينٽيننس عدت پيرڊ مينٽيننس ۽ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 213 سال 2026

مسمات فهميده بيبي زال عبدالرحمن ڌيءَ محمد نواز رهندڙ گهر نمبر 4-178/3 گلي نمبر 3 الوحيد ڪالوني حالي روڊ حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. عبدالرحمن ولد عبدالسلام رهندڙ جيلاني ڪالوني وارڊ نمبر 07 ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 153 سال 2026

شريمتي شوبتا ڌيءَ Raimon هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ الهه بخش مگسي ڏڱاڻو بوزدار تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) اسسٽنٽ ڪمشنر نادرا ٽنڊو الهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مير محمد ولد مياندادچانگ درخواست ڏني آهي ته (1) نالي فوتي غازي ولد شير خان چانگ (2) نالي فوتي مياندادولد شير خان چانگ (3) نالي فوتي لشڪر ولد غازي خان (4) نالي فوتڻ مسمات سهتي ڌي شير خان چانگ جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ٽانگڙو تپو دو گهڙي تعلقو بدين ۾ بلاڪ نمبر 179/5 _ 139/3 _ 140/2 ۽ ٻيا مان ايراضي حصي موجب 31_11 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاٽو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٽي لاءِ جلسي عام ڳوٺ شيرخان چانگ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتي غازي ولد شير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 خير محمد پٽ فوتي جو 2 نظر محمد پٽ فوتي جو 3 محمد رحيم پٽ فوتي جو 4 سوڍي ڌيءُ فوتي جي 5 ٻچي ڌيءُ فوتي جي 6 فاطمه ڌيءُ فوتي جي 7 محمد علي پٽ فوتي جو (2) تفصيل نالي فوتي مياندادولد شير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 مير محمد پٽ فوتي جو 2 نور محمد پٽ فوتي جو 3 پناڻي ڌيءُ فوتي جي 4 لال خاتون ڌيءُ فوتي جي 5 صاحب زادي ڌيءُ فوتي جي (3) تفصيل نالي فوتي لشڪر ولد غازي خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد حسين پٽ فوتي جو 2 علي محمد پٽ فوتي جو 3 بانڪي ڌيءُ فوتي جي 4 ساران ڌيءُ فوتي جي (4) تفصيل نالي فوتڻ سهتي ڌيءُ شير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 سبياڻي ڌي فوتڻ جي 2 جادو ڌيءُ فوتڻ جي جائز وارث چڱيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاٽو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر عام وخاص ماڻهن لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته اسان کي نالي عرضدار سائين بخش ميمڻ درخواست داخل ڪرائي آهي ته سندس والد نالي مرحوم عبدالعظيم ميمڻ جي نالي ماتلي شهر ۾ سٽي سروي نمبر 45 ايراضي اسڪوائر يارڊ وارڊ B۾ داخل ٿيل آهي جيئن ته سندس والد تاريخ 16.04.2016 تي هن فاني دنيا مان لاڏائو ڪري ويو آهي ۽ مرحوم هيٺيان وارث ڇڏي ويو آهي ۽ ڪيس کي مذڪوره سٽي نمبر جو فوتي ڪاٽو ٺاهي ڏنو وڃي 1 احسان علي پٽ 2 سائين بخش پٽ 3 فرمان علي پٽ 4 غلام حسين پٽ 5 لياقت علي پٽ 6 شيراز علي پٽ 7 معشوق علي پٽ 8 فرزانه ڌيءُ 9 رضوان ڌيءُ 10 رخسان ڌيءُ آهي بنسبت جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا ادارن کي ڪو به اعتراض آهي ته پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 10 ڏينهن جي اندر پهچي پنهنجو اعتراض جمع ڪرائڻ ٻي صورت ۾ سندس ڪابه هجت ٻڌڻ جوڳي نه هوندي

سٽي سروي آفيس ماتلي

لاتعلقي جواظهار

هر عام ۽ خاص کي هن اخباري اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته منهنجو سوٽن جيڪي ڳوٺ جمع خان دشتي ۾ ويٺل آهن انهن کان بيزاري نامون ۽ لاتعلقي ڏيان ٿو اڄ کانپوءِ منهنجو ۽ منهنجي پٽن جو انهن سان ڪوبه واسطو نه آهي جيڪڏهن منهنجا سوٽ ڪنهن سان به ڪنهن قسم جي ڏيتي ليتي جهيڙو ۽ يا ڦلڊو وغيره ڪندا ته انهن جا ذميوار هو پاڻ هوندا منهنجو ۽ منهنجي پٽن جو انهن سان ڪوبه واسطو نه آهي ۽ نه ئي رهندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

حاجي رحمت الله پيچوهو سندس پٽ ڳوٺ جمع خان دشتي جيڪب آباد

لاتعلقي جواظهار

جيئن ته منهنجو پٽ راجو ولد ديارام غلط صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي ۽ منهنجي چئي آکئي ۾ ڪونهي تنهنڪري آئون نالي ديارام ۽ منهنجو پٽ ڪانجي ڪانئس لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا، جيڪڏهن هو ڪنهن سان به ڏيتي ليتيءَ ڪندو يا ڪو ڦلو فساد ڪندو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو اسين هن جي ڪنهن به فعل جا ذميوار نه هونداسين

ديارام ولد مهرو ڪچي،ٽنڊوڄام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد

لاتعلقي جواظهار

جيئن ته منهنجو پٽ عبدالجبار چانڊيو ولد غلام شبير چانڊيو غلط صحبت ۾ اچي ويو آهي نشو ڪندو آهي انهي ڪري عبدالجبار سان آءُ مڪمل طور اظهار لاتعلقي ڪريان ٿو عبدالجبار چانڊيو کي سندس حصي جي ملڪيت ڏئي چڪو آهيان. جنهن کان پوءِ منهنجي ملڪيت ۾ سندس ڪو به حصو يا دعويٰ باقي نه آهي سندس منهنجي ٻين پٽن سان به ڪنهن قسم جو واسطو يا تعلق نه هوندو عبدالجبار چانڊيو جي ڪنهن به عمل ڏيتي ليتي، قرض، فساد، غلط ڪمن يا قانوني معاملي جو آءُ ذميوار نه هوندس جيڪڏهن هو منهنجي يا منهنجي ٻين پٽن خلاف ڪنهن به اداري ۾ ڪوڙي درخواست يا دعويٰ داخل ڪري ٿو ته ان جي ذميواري پاڻ تي هوندي سندس ڪنهن به عمل سبب منهنجي يا منهنجي ٻين پٽن جي ملڪيت، عزت ۽ حقن کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه هوندي

غلام شبير ولد الهه بخش چانڊيو رهندڙ محلا رحمان آباد وارڊ نمبر 01، ديهه 64 نصرت پانڌي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظيرآباد
شناختي ڪارڊ نمبر 4540212614891

تصحيح

بروز اڱر 25 آڪٽوبر 2026 جي اشاعت ۾ سينئر سول جج 5th حيدرآباد جي ايف سول سوٽ نمبر 1205 سال 2026 ۾ غلطي سان پلينٽ جو نالو علي ناصر بلوچ لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري علي نثار بلوچ لکيو ۽ پڙهيو وڃي (اداره)

بقايا 1 روزاني عبرت

برفت جا رهواسي ڏنڊا کڻي ڪوٽڙي سائيٽ پوليس خلاف روڊن تي نڪري آيا، ڪراچي واهه لڳ فلائي اوور تي ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪيو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪري ڌرڻو هنيو . جنهن سبب ڄامشورو ڪوٽڙي، حيدرآباد، ڪراچي ٿلو ڪوٽڙي مل ايريا طرف ايندڙ ويندڙ گاڏيون بلاڪ ٿي ويون جنهن سبب مسافرن شاگردن مل مزدورن توڙي سرڪاري آفيس ورڪ لاءِ نڪتل ملازمن کي شديد تڪليف جو منهن ڏسڻو پيو ڪيترن ڪلاڪن کان جاري برفت برادري جي ڌرڻي ۾ سائيٽ پوليس جي پهچڻ ۽ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ کان پوءِ پوليس ۽ برفت برادري ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي ويئي برفت برادري روڊ کولڻ کان لپ جواب ڏيئي ڇڏيو رابطي ڪرڻ تي ڌرڻي جي اڳواڻ دودو برفت ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته پوليس اسان جي گهرن ۾ گهڙي چادر چوڏيواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي . ننڊ ۾ ستل نياڻين تي تشدد ڪيو ۽ اسان جا ٻه نوجوان بي گناهه گرفتار ڪري ويئي هن چيو ته مان ڪير جو ڪاروبار ڪندو آهيان سڄي ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد جا ماڻهو سڃاڻن اسان ڪو لوفر ناهيون . هن چيو ته پوليس پاران لڳل الزام نوجوانن تي غلط آهي هي ڪنهن به واقعي ۾ ملوث ناهن نه ئي هنن ڪا ڦر جي واردات ڪئي آهي هي بي گناهه آهن پوليس اسان سان ناجائزي ڪري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته روڊ تيستائين نه کولينداسين جيستائين پوليس اسان جا مطالبا مڃي نه ٿي مڃي ٻئي طرف پوليس پنهنجي مؤقف ڏيندي چيو آهي ته اسان ڦر ڪيس ۾ گهربل جوابدارن عيوض هنن کي گرفتار ڪيو آهي گرفتار نوجوانن کان به پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي وارثن جي چوڻ تي هو بي قصور نه ٿا ٿي سگهن هن علائقي ۾ ٿيڻ به ڦر جون وارداتون تيز ٿي ويون هيون ثبوتن سان هلبو ڪنهن کي بي گناهه گرفتار نه ڪبو. ٻئي طرف ڪوٽڙي جي سياسي، سماجي ۽ رهواسين جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل علائقي ۾ ڦر جون وارداتون برفت ڪن ٿا هنن ڪنهن کي به بخش نه ڪيو آهي جڏهن ڏوهاري گرفتار ٿين ٿا ته هي روڊ بند ڪن ٿا ۽ بليڪ ميل ڪن ٿا هنن چيو ته پوليس کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ته جيئن هي ڦورو گرفتار ٿي سگهن

بقايا 2 روزاني عبرت

پنگوار کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا آهن ان موقعي تي اغوا ٿي ويل پوليس ڪانسٽيبل نصرالله پنگوار جي پيءُ غلام رسول پنگوار جو چوڻ آهي ته سنڌ بلوچستان جي سرحدي پٽي واري علائقي ۾ ذاتي ڪم سانگي رسالدار واري علائقي ڏانهن ويل هو ته جيڪو سنڌ بلوچستان جي دنگ وٽان هن کي بگٽي برادري جي هٿياربندن اغوا ڪري ويا آهن هوڏانهن ذريعن موجب ته پئسن جي ڏيتي ليتي تان جو مسئلو ٻڌڻ وٽان آيو آهي ته اتي بگٽين ويهاري ڇڏيو آهي پوليس ڪانسٽيبل نصرالله پنگوار جي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي ڪشمور پوليس تماشائي بڻيل آهي پوليس هن وقت تائين ڪو به موقف پيش نه ڪيو آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

قيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. جوابدار کي هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. خبر موجب فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج ٽنڊوالهيار محمد عباس سيال جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار جهانزيب درس کي سزا ٻڌائي. جوابدار پنهنجي گهر واري زهرا ڪنول کي 2023

۽ قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي مقتول عورت جي امڙ مسمات زيب النساء جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو جنهن جو اڄ ٽنڊوالهيار جي عدالت پاران فيصلو ٻڌايو ويو. فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ عدالت جوابدار کي جيل موڪلي ڇڏيو آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪراچي ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ جي لاءِ ٽنڊوالهيار ۾ عوامي رابطا مهم جي حوالي سان ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته بلاول ڀٽو ڪراچي ۾ چوي ٿو ته سنڌ جي ورهاست جو باب ختم ٿي چڪو آهي سنڌ اسيمبلي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته پوءِ ڪراچي ۾ دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي جي هڪ وائس چانسلر ڊاڪٽر ثمرين عاصمه ٽي وي تي ويهي سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڪري ٿي جڏهن ته هو سنڌ حڪومت جي ماتحت آهي ته پوءِ ڪيس گرفتار ڇو نه ڪيو وڃي اسين طالبو ٿا ڪريون ان قسم جي سنڌ دشمن سوچ رکندڙ وي سي کي بنا دير عهدي تان لاهي ڪيس گرفتار ڪيو وڃي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جو ڪو مان نه آهي سرڪاري چاڙتا ٽي وي تي ويهي سنڌ جي ورهاست جي ڳالهيون ڪن ٿا. ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال سرڪاري چاڙتا آهن پنجاب مسلسل سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڪري پيو جيڪڏهن سندن واٽ بند نه ٿيو ته سنڌ جي هر روڊ هر گهٽي ۽ چونڪ تي تحريڪ هلندي. سنڌ جا لکين ماڻهو سنڌ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا آهن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وسيلن تي پنجاب قبضو ڪريو ويٺو آهي اسان جا دريا، بجلي، تيل گئس ۽ پاڻي سڀ پنجاب کڻي رهيو آهي ۽ اسان پنهنجي حقن لاءِ به نه ڪرون ڇا؟ جڏهن ته گئس ۽ بجلي به اسان جي ۽ لوڊشيڊنگ به اسان لاءِ آهي ۽ اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ وحدت سنڌ مارچ دوران ڪراچي ۾ لکين ماڻهو سنڌ خاطر گڏ ٿيندا. سنڌ هڪ رياست آهي جيڪا ناهي ناهي وئي پر سنڌ هزارين سال پراڻي هڪ تهذيب ۽ وطن آهي جنهن جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين

بقايا 5 روزاني عبرت

ٿي ويو تفصيل موجب مسوپرڳوٺي لڳ قومي شاهراهه چلڳري اسٽاپ تي ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جو ايس ٽي پي مسوپرڳوٺي جي صدر عبدالرحمان بروهي ،لياقت جويو اڪبر بروهي، علي غلام خاصخيلي،ٻين جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد کان مٽياري جلسي طرف ويندي شاندار استقبال ڪري سنڌ جي ثقافت اجرڪون پارايون ويون،انهي موقعي ڊاڪٽر قادر مگسي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته سنڌ ڌرتي اسان جي ماءُ آهي مرڻ گهڙي تائين سنڌ جيجل جي مالڪي ڪنداسين جيڪو سنڌ تي غلط ارادي سان نظر رکندو انهي سان حساب ڪتاب وٺڻ ڄاڻون ٿا، سڀ گڏجي سنڌ جي مالڪي ڪنداسين انهي موقعي تي پريس ڪلب مسوپرڳوٺي جي صدر نور محمد ترڪ جنرل سيڪريٽري غلام مصطفي بروهي ،بشير بروهي، نظر علي ڪلهوڙو، خاوند بخش جويو عطا ۔ بروهي، مير هزار بروهي، عبدالمنان بروهي، بابا بروهي، ۽ ٻيا موجود هئا، ٻئي طرف مٽياري سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي پاران اعلانيل "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ مٽياري پهچي ويو جتي ايس ٽي پي جي مرڪزي، ڊويزنل، ضلعي ۽ تعلقي سطح جي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن پاران سندس استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته هن وقت فيصلا ڪن مرحلو اچي ويو آهي ته هنن کي پاڪستان رکڻو آهي يا پاڪستان کي خداحافظ چوڻو آهي وفاق جا ڪجهه وزير صوبا ناهڻ بابت خبرون ڪري رهيا آهن يا ته وزير اعظم شهباز شريف انهن کي روڪي يا اهو واضع ڪري ته انهن جي پٺ ڀرائي ڪري رهيو آهي سنڌ جو ٻچو ٻچو سنڌ جي حفاظت ڪندو جيڪي لوٽا لٽيرا آهن انهن کي چوان ٿو پنهنجي پنهنجي واري جو انتظار ڇڏيو هينئر سنڌ تي ڏکيو وقت آهي گڏ ٿيو ايازلطيف پليجو تمام شاندار ڳالهيون ڪيون اسان وٽ اينده ته ضرور ويچار ڪنداسين سنڌ هن وقت ڪيترن ئي اهم مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي، سنڌ جي وحدت، وسيلن زمينن ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي گڏجي آواز اٿارڻو پوندو. هن چيو ته سنڌ جي بقا ۽ خوشحالي لاءِ سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي گڏيل جدوجهد ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سنڌ جي عوام کي پنهنجن حقن بابت سجاڳ ڪرڻ ۽ سنڌ کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم شروع ڪئي وئي آهي جنهن ذريعي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ عوام سان رابطا ڪري کين سنڌ جي وحدت ۽ حقن جي تحفظ لاءِ متحد ٿيڻ جو پيغام ڏنو پيو وڃي سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ

عوامي آواز کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي جڏهن ته سنڌ سان لاڳاپيل اهم معاملن تي سمورين سياسي پارٽين قومپرست ڌرين ۽ عوام کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ هوت خان چلگري گلزار سومرو حيدر ملاح چام شوڪت ابڙو ڊويزنل اڳواڻ مرڪزي اڳواڻ محمد علي ابڙو عبدالفتاح ڳاهوٽي ضلعي اڳواڻ حاجي موسيٰ لوڪس شاهد لغاري، غلام حيدر نظاماڻي رسول بخش سولنگي ۽ تعلقي اڳواڻ آصف لوڪس ملهار شيدي، غلام قادر ميمڻ ساگر ابڙو ۽ غلامي منگواڻي سميت پارٽي جا ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا

بقايا 6 روزاني عبرت

محمد پنهور ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان عاطف کي عزت جي هرجاڻي جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي . چيئرمين هالا ميونسپل ڪميٽي گل محمد پنهور ايم ايس اعجاز علي هڪڙو لا ايسوسيئيٽس وسيلي مٿس لڳل الزامن کي بي بنياد ۽ ڪوڙو قرار ڏيندي مخدوم سعيد الزمان عاطف کي پنج ڪروڙ جو نوٽيس ڏيارڻ سميت هتڪ عزت آرڊيننس 2002 تحت سول ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي . گل محمد پنهور نوٽيس ۾ موقف اختيار ڪندي ڄاڻايو آهي ته سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين پاران مٿس خانداني ملڪيتن جي روينيو رڪارڊ ۾ ڦير ڦار جي الزام سميت ذاتي طور تي عزت تي وار ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ هن قانوني نوٽيس وسيلي 14 ڏينهن اندر اطمينان بخش جواب نه ملڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي جو حق استعمال ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويو آهي . چيئرمين هالا جي قانوني نوٽيس ۾ مبينا الزامن جا ثبوت پيش ڪرڻ يا وضاحت لاءِ 14 ڏينهن جي مهلت مقرر ٿيل آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪڍ مان ڪڍي فوري طور سول اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران نينگري جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي جنهن بعد وارث ايمبولينس ذريعي نينگري جو لاش کڻائي گهر روانا ٿي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو

بقايا 8 روزاني عبرت

54 ورهين جي ڄمار ۾ ڪينسر جي بيماريءَ ۾ مبتلا رهڻ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن سبب سندس گهر ۽ علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ جي يو آءِ اڳواڻ مولوي حسن قاسمي، شهري اتحاد اڳواڻ نثار ميمڻ پروفيسر خالد ڪوسو سيد فياض شاهه بخاري، عبدالحميد خليفو غلام نبي ڏنون حافظ محمود ڪٽي، امان الله ڪٽي، شڪيل احمد پاڻ عبدالواحد ڪٽي، صحافي حفيظ الرحمان رحماني عبدالغفور پليپوٽو عمران ڪٽي سميت شهر جي معززين استادن سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي تدفين آبائي قبرستان مصري شاهه ۾ ڪئي وئي عبدالقادر پٽي پوئين ۾ چار پائي ٻه پٽ، هڪ نياڻي ۽ هڪ بيواهه سوڳوار ڇڏيا آهن سندس لاڏاڻي تي عزيزن دوستن ۽ شهر جي مختلف سياسي سماجي ۽ تعليمي حلقن پاران ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو پيو وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

پنهنجي لاءِ ٽڪيٽ گهرندس پوءِ پيپلزپارٽي جهڙي ٽڪ جي سيٽ ڏني اتان بيهبو اگر ٽڪيٽ نه به ڏني تڏهن به پارٽي سان گڏ رهنداسين. مخدوم سعيد الزمان چيو ته مخدوم طالب المولي جي ملڪيت جا ڪاتا تبديل ڪيا ويا آهن انهن جي تحقيق ڪري اصل وارثن جي نالي تي ٿيڻ باقي ڳالهيون اسان پاڻ ۾ ويهي حل ڪري وٺنداسين. هن چيو ته مخدوم طالب المولي جيڪا ورهاست ڪري ويو ان مطابق معاملات هليا پئي پر ڏيڍ مهينو اڳ خبر پئي آهي ته ڪاتا تبديل ڪيا ويا آهن. ڪاتن بابت مختيارڪار توڙي ڊپٽي ڪمشنر ڪنهن به قسم جو رابطو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هن چيو ضلعي مٽياري ۾ ڪم نه ڪرائڻ جي حوالي سان پهريان ايم اين اي ۽ ايم پي اي استعيفا ڏين ته پوءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمين ۽ ميمبر به استعيفا ڏيندا. مخدوم سعيد الزمان عاطف چيو ته اسان ضلعي ڪائونسل جي مسئلي بابت پارٽي اڳواڻ فريال ٽالپر کي به شڪايت ڏني هئي پر اجا تائين ڪوبه خاطر جواب ناهي مليو . هن چيو ته مون کي خبر پئي آهي ته سيف شاهه ۽ گل پنهور مون کي نوٽيس موڪليا آهن انهن جي ڪا حيثيت ناهي نوٽيس موڪلڻ جي پر انهن کي مالڪن جون هدايتون مليل آهن نوٽيس ڏنا نه ويا آهن پر ڏياريا ويا آهن. هن چيو ته مخدوم جميل الزمان اگر مون کي چاچو سمجهي ها ته رابطو ڪري ها نوڪرن جي هٿان نوٽيس نه ڏياري ها. نوڪرن جي حيثيت ناهي ۽ آهي ساڳيا ماڻهو ڪابه طالب المولي جي اولاد جي سامهون مخدوم جميل الزمان جي هٿان ذليل ۽ خوار ٿيندا اهو سڄي دنيا ڏسندي. پريس ڪانفرنس

شروع ٿيڻ اڳ مخدوم سعيد الزمان عاطف اها پڻ ٻڌائي ڪئي ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ هڪ فيصلا ڪميٽي قائم ڪئي آهي ڇا ڪاڻ ته مخدوم هائوس ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ قائم ڪيل فيصلا ڪميٽي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام آهي جنهن سبب عوام فيصلن ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو ته قائم ڪيل فيصلا ڪميٽي ۾ عوام جا ترجيحي بنيادن تي مسئلا حل ڪيا ويندا.

بقايا 10 روزاني عبرت

جي رهواسي سهيل ولد غلام نبي مري ڳوٺ حسين بخش نوهڙي جي رهواسين صدام حسين ولد محمد مرزا نوهڙي ۽ عبدالغفار ولد حسين بخش نوهڙي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان 3 ريوالور ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي . زخمي جوابدارن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال آندو ويو جتان طبي امداد ڏيڻ بعد کين سول اسپتال حيدرآباد موڪليو ويو آهي . پوليس ٽنهي جوابدارن تي پوليس مقابلي ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ٻئي طرف بي سيڪشن پوليس مبينہ پوليس مقابلي بعد هڪ جوابدار سپاڳو ولد محمد خان مري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي مٿس پوليس مقابلي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جا ڪيس داخل ڪري جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

ان سلسلي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته خيرپور جي ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڦوڙي چانڊيو جي رهواسين محمد خان چانڊيو پنهنجي پٽ عمران علي چانڊيو سان گڏجي سيشن ڪورٽ خيرپور اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته زمين جي حصي واري تڪرار تان جوابدارن ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته سندن چوڻ موجب قوم جي رئيس سلطان خان چانڊيو وٽ ٿيل فيصلي ۾ به الزام ڪوڙو ثابت ٿيڻ جنهن باوجود معاملي تان جان ڇڏائڻ لاءِ هنن جوابدارن کي 6 لک رپيا ڏنا. احتجاج ڪندڙ محمد خان چانڊيو چيو ته گذريل ڇهن مهينن کان جوابدارن سندس ۽ سندس پٽن خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي جوابدارن سندس گهر ۾ گهڙي مٿس ۽ سندس گهرياتين تي حملو ڪري سخت تشدد پڻ ڪيو جنهن خلاف هن عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي. هن چيو ته علائقي جي چڱن مڙسن کي به ڏانهون ڏنيون آهن پر سندن مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي .هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. کين گرفتار ڪري سندن خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 12 روزاني عبرت

قومي شاهراهه تي ٽرالر جو ٽڪر ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا جنهن کي مورو اسپتال داخل ڪيو ويو جتي پوليس اهلڪار شفيع محمد پٽي جي حالت نازڪ هئڻ سبب نواب شاهه منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت فرار ٿي ويو.پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

مستوئي جي قتل ڪيس ۾ نيو جتوئي پوليس اهم ڪارروائي ڪندي هڪ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار وٽان 30 بور پسٽل پڻ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ڪجهه مهينا اڳ غلام شبير پرٽ کان 7 ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي هئي جنهن جا ايگريمينٽ موجود آهن هن چيو ته خريد ڪيل زمين تي ڪمند جي پوکائي جو ڪم شروع ڪيو آهي پر غلام شبير پرٽ، سندس منهنجي عزيزن حب علي شاهه محب علي شاهه ۽ ثاقب علي کي استعمال ڪندي هٿياربندن سان گڏجي سندس پٽ وحيد شاهه تي حملو ڪرايو جنهن ۾ هو زخمي ٿي پيو خريد ڪيل زرعي زمين تي پوکائي ڪرڻ کان روڪيو پيو وڃي. هن دعويٰ ڪئي ته معاملو برادري جي چڱن مڙسن آڏو به رکيو ويو جن وٽان سندس حق ۾ فيصلو ٿيو ۽ زمين بابت چيو ويو ته اها سيد حاجن شاهه جي آهي جنهن جا پئسا وٺي زمين وڪرو ڪئي وئي آهي. هن سنڌ جي صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار آءِ جي سنڌ پوليس ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندس خريد ڪيل زرعي زمين بابت تڪرار جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ سندس پٽ تي حملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 15 روزاني عبرت

خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته وسيم پٽي کين

مبينا طور متي لاهڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي ۽ ائين نه ڪرڻ جي صورت ۾ مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙ مزدورن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان غريب پورهيت ماڻهو آهيون فوٽو ڪارگو گاڏيون ڪرائي تي هلائي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون اسان جي روزي روٽي جو دارومدار مزدوري تي آهي پر مبينا ڌمڪين سبب اسان سخت پريشان آهيون. هنن چيو ته اسان محنت مزدوري ڪري پنهنجن ٻچن جو پيٽ پاليندا آهيون ڪنهن سان به تڪرار ڪرڻ نٿا چاهيون پر اسان کي ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. اسان اختيارين کان مطالبو ڪريون ٿا ته اسان جي ڌانهن ٻڌي وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙ مزدورن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڪمبٽ پوليس جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، مبينا ڌمڪيون ڏيندڙ شخص خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس گرفتار ڪري مزدورن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. مزدورن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته کين بنا خوف ۽ دٻاءُ جي پنهنجو روزگار ڪرڻ ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجي خاندانن جو پيٽ پالي سگهن.

بقايا 16 روزاني عبرت

ريين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. چوري ٿيل سامان ۾ ڊي اي پي ڀاڻ جون 25 بوريون اين پي ڀاڻ جون 15 بوريون ۽ زرعي دوائون شامل آهن. جڏهن ته شهرين ۽ واپارين پاران پوليس کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته چوريءَ جي واردات جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 17 روزاني عبرت

خلاف مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروائيون ڪندي وڌيڪ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات، شراب جون بوتلون تاس جا پتا، روڪ رقم ۽ ٽي موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.خيرپور پوليس جي ترجمان موجب، وڏا ماڇيون ٿاڻي جي پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي مبينا منشيات فروش علي مراد منگهڻهار کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 10 هزار 500 گرام ڀنگ هٿ ڪئي وئي،ٻي ڪارروائي اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ ڪري منشيات فروش اسماعيل مرڪند کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان شراب جون بوتلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي.هوڏانهن ڪنب ٿاڻي جي پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي سماجي برائين ۾ ملوث هجڻ جي الزام هيٺ نياز حسين گوپانگ کي گرفتار ڪيو پوليس موجب، جوابدار جي قبضي مان تاس جا 52 پتا، روڪ رقم ۽ ٽي موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون.جڏهن ته گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪامياب ڪارروائيون ڪرڻ تي ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پوليس ٽيمن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي اهلڪارن کي شاباس ڏني آهي.

بقايا 18 روزاني عبرت

جو رهواسي نوجوان ساجد علي پٽ غلام مصطفي ڪوسو جي اچانڪ طبيعت خراب هجڻ سبب وارثن کيس تعلقي اسپتال ميهڙ پهچايو جتي ڊيوٽي ڊاڪٽر پاران نوجوان جي طبيعت نازڪ هجڻ سبب وارثن کي وڌيڪ اعلاج لاءِ لاڙڪاڻو اسپتال وٺڻ جو چيو جڏهن ته ايمرجنسي دوران نوجوان جو بروقت اعلاج نه ٿيڻ ۽ اسپتال انتظاميه پاران ايمبولينس نه ڏيڻ تي ڊيوٽي ڊاڪٽرن ۽ نوجوان جي وارثن ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي نوجوان جي وارثن بشير ڪوسو ۽ ٻين پاران تعلقي اسپتال ميهڙ(گس) انتظاميه خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو ته اسپتال ۾ ڪا به سهولت موجود نه آهي ايمرجنسي ۾ آيل مريض جو صحيح چيڪ اپ به نه ٿو ڪيو وڃي ۽ نه وري ڪا دوا ڏني وڃي ٿي هنن الزام هڻندي چيو ته ايمرجنسي ۾ اسان کي لاڙڪاڻي لاءِ ايمبولينس به نه پئي ڏني وڃي هنن مطالبو ڪيو ته تعلقي اسپتال ميهڙ(گس)۾ ٿيندڙ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن غير فعال بڻيل شعبن ۽ مريضن کي دوا ۽ ايمبولينس نه ملڻ جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد مشتاق انڙ ۾ بڪريون پوک ۾ پوڻ تان جهيڙو لٺيون لڳڻ سبب نوجوان عبدالقدير شر ولد غلام شبير شر لٺيون لڳڻ سبب زخمي نوجوان جو احتجاج احتجاج ڪندي چيو ته سئوٽن ۽ ٻين پاران حملو ڪري لٺيون هڻي سخت زخمي ڪري آهي جنهن اين سي داخل ڪرائڻ ويس ته انهن منهنجي وٺڻ بجاءِ مونکي ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيونوجوان احتجاج ڪندي ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته زخمي ڪندڙن بااثرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

ڇتي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو. ڏاڙهي زخمي ٿيل ٻارن ۾ شاهد علي علي رضا ۽ شاڪر کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي شهرين پاران ڪتن جي وڌندڙ آزار سبب سخت پريشان آهن ۽ ميونسپل ڪميٽي خيرپور پاران ڪتا مار مهم شروع نه ٿيڻ سبب شهرين جي پريشانين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ڪتا مار مهم لاءِ سنڌ حڪومت طرفان ميونسپل ڪميٽي کي لکين روپين جي بجيٽ ملڻ باوجود شهر ۾ ڪتا مار مهم نظر نٿي اچي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته الله آباد سميت شهر جي مختلف علائقن ۾ فوري طور ڪتا مار مهم شروع ڪري ڇتن ڪتن جي آزار کان شهرين ۽ معصوم ٻارڙن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 21 روزاني عبرت

جانور خريد ڪرڻ لاءِ ويندڙ ٽنڊوآدم جي ڪاسائين ڪليم قريشي ، حسن قريشي ،جاويد ملڪ ، منور قريشي ، وڪي قريشي حسنين قريشي ۽ اشرف خاصخيليءَ کان 18 کان 20 لک روپيه روڪ ۽ 3 موبائل فون ڦري ڪري فرار ٿي ويا واضع رهي ته ٽنڊو آدم ۽ آسپاس ۾ ڏوهي ڪارروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري رهواسي عدم تحفظ جو شڪار آهن رهواسين وسوارن کان امن امان قائم رکڻ ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 22 روزاني عبرت

ٽيمون پاران امدادي ڪارروايون ڪيون رپورٽ موجب، رپورٽ موجب، روهڙي پرسان پنڌي ٿاڻي جي حد ۾ سي پيڪ روڊ تي ايل پي جي گئس سان ڀريل باؤزر ٽرالر ۾ اوچتو زوردار ڌماڪو ٿيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 4 زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ڌماڪي ڪانپوءِ باهه ڀڙڪي پئي ۽ روڊ تان گذرندڙ گاڏيون پڻ واقعي جي زد ۾ اچي ويون اطلاع ملڻ تي پوليس، ايڌي ايمبولينس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون.پوليس موجب، ڌماڪي سبب فوت ٿيلن ۽ زخمين کي ريسڪيو ڪري روهڙي تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد زخمين جي ڳنڀيرءَ جوڳي حالت کي نظر ۾ رکندي کين وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو فوت ٿيلن مان هڪ جي سڃاڻپ صفدر علي پٽ احمد شير رهواسي خوشاب، پنجاب طور ٿي آهي. فوتين جا لاش روهڙي تعلقا اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيا ويندا. هڪ ٻئي فوتي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي بايو ميٽرڪ ذريعي ڪوشش ڪئي وئي پر نه ٿي سگهي جڏهن ته زخمين ۾ عمر حيات پٽ حيات احمد، رهواسي رحيم يار خان، شاهد پٽ محمد ارشد ۽ ڪامران پٽ انور علي ٻئي رهواسي فيصل آباد، ۽ فدا حسين شامل آهن جنهن جي والد جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي. ڇئني زخمين کي ڳنڀيرءَ جوڳي حالت ۾ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو.پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته ڌماڪي جا اصل ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ پڻ جاچ جاري آهي.

بقايا 23 روزاني عبرت

درخواست جمع صوبائي وزير خوراڪ جي سيڪريٽري سيف علي شاهه سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان خلاف نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. درخواست ۾ سيف علي شاهه موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس خلاف ميڊيا تي لڳايل الزام ڪوڙا، بي بنياد ۽ هتڪ آميز آهن جن سبب سندس ساک متاثر ٿي آهي. هن لاڳاپيل

ميڊيا بيانن ۽ پيش ڪيل ثبوتن جي جاچ ڪرائي قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي استدعا ڪئي آهي. هوڏانهن سيف علي شاهه مخدوم سعيد الزمان کي قانوني نوٽيس پڻ موڪلي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ الزامن بابت لکت ۾ جواب ۽ ثبوت فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. قانوني نوٽيس ۾ وضاحت يا الزامن جي حمايت ۾ ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ 14 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي. واضع رهي ته معاملي بابت حتمي حقيقتون لاڳاپيل ڌر جي موقف ۽ جاچ ڪانپوءِ سامهون اچي سگهنديون.

بقايا 24 روزاني عبرت

تي ڪم ڪندڙ پورهيت خاندان ڪورٽ معرفت آزاد ٿيڻ بعد بااثر ڀٽا مالڪن جي زيادتين خلاف ميرپورخاص پهتو آن موقعي تي پرتاب ڪولهي، مروان ڪولهي صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسان ڪلوئي ۾ نياز بجير جي سرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندا هئاسين جتي مزدوري جا پيسا نه ملڻ سبب ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور هئا جنهن ڪري مجبور ٿي ملي ڪورٽ ۾ اهڙي درخواست ڏني عدالت پاران آزاد زندگي گذارڻ جو فيصلو ڏنو پر ان جي باوجود نياز بجير،بادل جمعدار لالجي ڪولهي،شنڪر گهر اچي ٻيهر ڀٽي تي ڪم ڪرڻ لاءِ حراسان ڪري رهيا آهن ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي عورتن کي اغوا ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن ڄاڻايل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي خوف سبب گهرن تائين محدود بڻيل آهيون متاثر پورهيت ڪٽنب واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ته معاملي جو نوٽس وٺي ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪانپوءِ 12 ڪلاڪن اندر فوتگين جون ڏانهون صحت کاتو ۽ ضلعي انتظاميا نوٽيس وٺي طبي ٽيمون موڪليون: متاثر ڳوٺاڻا، دادو پرسان پوسي سيال جي ڳوٺ غلام حيدر بڙو ۾ معصوم ٻارن ۾ پراسرار بيماري پکڙجڻ سبب 6 ورهين جي منسا بتول ۽ سندس 12 ورهين جو ڀاءُ عبدالرحمان پٽ شمن بڙو فوت ٿي ويا، جڏهن ته سندن ٽين ڀيڻ سدرا سخت بيمار ٿيڻ سبب دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ داخل آهي. ڳوٺ اندر 10 کان وڌيڪ ٻيا ٻار به پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ جون رپورٽون آهن جنهن سبب ڳوٺاڻن ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙيل آهي.خبر موجب ڳوٺ غلام حيدر بڙو ۾ پراسرار بيماري سبب ٻن معصوم ڀاءُ ڀيڻ جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ سندن خاندان سوڳوار ٿي ويو آهي. جڏهن ته ٻين ٻارن جي بيمار ٿيڻ سبب والدين سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن.ڳوٺ جي رهواسين عامر بڙو، شمن بڙو ۽ ٻين ٻڌايو ته ڳوٺ ۾ بيماري پکڙجي رهي آهي. ٻارن کي سخت بخار ٿيڻ کانپوءِ سندن حالت تيزيءَ سان خراب ٿي وڃي ٿي ۽ مبينا طور رڳو 12 ڪلاڪن اندر فوتگيون ٿي رهيون آهن هنن موجب بخار ڪانپوءِ ڪجهه ٻارن جا هٿ پير به ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿا، جنهن ڪري ڳوٺاڻا سخت خوف ۾ ورتل آهن.متاثر ڳوٺاڻن چيو ته ٻن معصوم ٻارن جي فوت ٿيڻ ۽ وڌيڪ ٻارن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ باوجود بيماري جا اصل سبب معلوم نه ٿي سگهيا آهن هنن ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڳوٺ غلام حيدر بڙو ۾ هنگامي بنيادن تي طبي ٽيمون موڪليون وڃن، بيماري جي سببن جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر ٻارن کي فوري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. جيئن وڌيڪ معصوم ٻارن جون حياتيون بچائي سگهجن.

بقايا 26 روزاني عبرت

لڏي تي فوت . ٻئي طرف ڄامشورو ۾ معصوم عرشمان ڪشميري جيڪا گهر جي ڇت تي راند ڪندي رهي هئي پير ترڪڻ سبب ڇت تان هيٺ ڪري فوت ٿي وئي ننڍڙي نينگري جي گهر ۾ سوڳ ڇانئجي ويو.

بقايا 27 روزاني عبرت

ٿاڻي ته آئي گذريل رات دير سان باءِ پاس مگسي پمپ وٽ موٽر سائيڪل تي سوار ٽن نامعلوم هٿياربندن ملڪ منصور کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪانئس نئين موٽر سائيڪل ڦر ڪري پنهنجي پراڻي موٽر سائيڪل ڇڏي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا .

ايراضي	سروي نمبر	حصو	ڪاتيدار جو نالو	سيريل نمبر
2-33	233	52.50پئسه 41- 0پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه 6.50پئسه	1.خوشي محمد ولد الهڏنو آرائين 2.عبدالغني ولد شير محمد آرائين 3.رمضان ولد نور محمد آرائين 4.انور علي ولد نور محمد آرائين 5.اصغر علي ولد نور محمد آرائين 6.حاجي ولد نور محمند آرائين 7.ڪوثر پروين ڌي نور محمد آرائين 8.ضيه بيبي ڌي نور محمد آرائين 9.ڪوثر بيبي ڌي نور محمد آرائين	64
7-37	194	50- 0پئسه 50- 0پئسه	1.حميد ولد نور محمد پٽي 2.سرور ولد محمد بخش پٽي	65
8-38	202	50- 0پئسه 25- 0پئسه 25- 0پئسه	1.جمع ولد محبت ڪابورو 2.محمد اشرف ولد محمد رمضان ملاح 3.غلام سرور ولد محمد عيسيٰ پنهور	66
1-05	206/1	0-55پيسه 9.84پيسه 9.84پيسه 4.92پيسه 4.92پيسه 4.92پيسه 4.92پيسه 5.62پيسه	صوبائي سرڪار 1.سيد نويدالحسن ولد نورالحسن زيدي 2.سيد نعمان ولد ولد نورالحسن 3.مسمات نيلمر ولد ولد نورالحسن 4.ماهين ڌي نورالحسن 5.نوشين ڌي نورالحسن 6.عائشا ڌي نورالحسن 7.فريده زال نورالحسن	67
3-17	212	0-50پيسه 16.66پيسه 16.66پيسه 16.66پيسه	1.غلام رسول ولد علي محمد پيرزادو 2.نياز محمد ولد الهڏنو 3.دوست محمد ولد الهڏنو 4.درويش محمد ولد الهڏنو	68
2-10	216	33.33پيسه 33.33پيسه 33.33پيسه	1.نياز محمد ولد الهڏنو 2.حاجي دوست محمد ولد الهڏنو 3.درويش محمد ولد الهڏنو	69
2-28	217	0-79 پيسه 0-21پيسه	لعل ڏنو ولد لعل بخش پيرزادو ڪوڙل ولد لعل بخش	70
1-00 2-32 1-36 جوڙ 5-28	226 228 231	33.33پيسه 33.33پيسه 33.33پيسه	1.لعل بخش ولد نصرت لغاري 2.سائين بخش نصرت لغاري 3.مريم ڌي لعل بخش	71

مختيارڪار روينيو
(تعلقو) دادو

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY: 4694/26

آفيس آف دي سپرنٽينڊنگ انجنيئر (جوڊيشل ورڪس)
/پروجيڪٽ مئنيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ
ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

نمبر: TC/SE/Judicial Works/Sindh/Karachi/520 of 2026، تاريخ: 26-10-2026

SPPRA جي اي_ پروڪيورمينٽ تحت جمع ڪرائڻ جي گهرجن مطابق، اهل واڪ ڏيندڙن کان نئين طريقيڪار EPADS ذريعي هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت اي_ آڇون گهرائجن ٿيون. جن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	PEC ڪيٽيگري	ڪُٿيل رقم	ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ مليل وقت	واڪ دستاويزن جي قيمت
1	ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ جي تعلقي تنگوائي ۾ ٻن عدالتن جي عمارت جي تعمير (باقي رهيل ڪم)	C-6يا ان کان مٿي	-/10,090,592 رپيا	06 مهينا	-/3,000رپيا

ٽينڊر جاري ڪرڻ، وصول ڪرڻ ۽ کولڻ جو پروگرام

نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش (جيڪڏهن ٽينڊر تي ڪا به آڇ وصول نه ٿئي)
1	ٽينڊر صبح جو 10:30وڳي وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:00وڳي کوليا ويندا	12-11-2026	27-11-2026

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ تان ڏسي سگهجن ٿا، جڏهن ته خالي ٽينڊر فارم جاري يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي في -/3,000 رپيا ۽ بڊ سيڪيورٽي آڇ جي رقم جو 5 سيڪڙو هوندي، جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان ڪال ڊپازٽ، پي آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ سپرنٽينڊنگ انجنيئر (جوڊيشل ورڪس)/PM&IU، ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي نالي تي ٺهرائي وڃي. پي آرڊر ۾ واضع طور تي ڄاڻايو وڃي ته اهو حصو وٺندڙ ڪمپني/فرم جي اڪائونٽ مان جاري ڪيو ويو آهي. پي آرڊر ٽيڪنيڪل بڊ/ٽينڊر سان گڏ لڳايو وڃي، ٻي صورت ۾ اهڙو ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو
2. ٽينڊر EPADS تي جمع ڪرائڻ سان گڏ مهربند لفافي ۾ ذاتي طور هٿون هٿ يا رجسٽرڊ ٽپال ذريعي هيٺين پتي تي پڻ جمع ڪرايو وڃي: آفيس سپرنٽينڊنگ انجنيئر (جوڊيشل ورڪس)/PM&IU، ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ، بئريڪ نمبر 18، بلاڪ A_4، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪورٽ روڊ، ڪراچي.
3. آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن هوندو
4. خريداري ڪندڙ اختيارين کي SPPRA رولز 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) مطابق ڪنهن به يا سمورين آڇن/بڊز رد ڪرڻ جو حق حاصل هوندو
5. هيٺ ڏنل حلف نامو (غير عدالتي اسٽامپ پيپر تي) جمع ڪرائڻ لازمي آهي:
   - حلف نامو ته واڪ ڏيندڙ کي ڪنهن به اڳوڻي ملازمت ڏيندڙ اداري طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
   - حلف نامو ته انهن دستاويزن سان گڏ ڏنل سمورا دستاويز، تفصيل ۽ معلومات صحيح آهن.
   - حلف نامو ته واڪ ٺيڪا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به بدعنواني، فراڊ يا ملي ڀڳت واري عمل ۾ ملوث نه رهيو آهي.
   - حلف نامو ته آڇ هن وقت پنهنجي ملازمت ڏيندڙ ادارن سان ڪنهن به قانوني تڪرار يا مقدمي ۾ ملوث ناهي ۽ نه ئي ماضي ۾ رهيو آهي. جيڪڏهن صورتحال ان جي ابتڙ هجي ته بڊر کي فارم A-8 "مقدمي يا ثالثي/تڪرار جي تاريخ" ۾ تفصيل ڏيڻا پوندا. اهڙا واڪ ڏيندڙ جن کي ڪنهن کاتي کان اڳواٽ ادائيگيون وٺڻ باوجود مقرر وقت اندر گهربل ڪم مڪمل نه ڪرڻ سبب "انڊر پرفارمر" قرار ڏنو ويو هجي، انهن کي بڊنگ جي عمل ۾ حصو وٺڻ کان روڪي سگهجي ٿو
   - حلف نامو ته بڊر هن وقت PEC ۽ وفاقي توڙي صوبائي پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽيز جي ويب سائيٽن تي بليڪ لسٽ ٿيل فرمن ۽ ماڻهن جي فهرست ۾ شامل ناهي ۽ نه ئي ڪنهن پرڏيهي ملڪ، عالمي تنظيم يا ٻي پرڏيهي اداري طرفان بليڪ لسٽ قرار ڏنو ويو آهي.

اهليت جو معيار:

a) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز CE-09 ۽ CE-10 ۾ صحيح رجسٽريشن هجڻ لازمي آهي.
b) انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) وٽ رجسٽريشن سان گڏ ٽن مهينن جا ريٽرن جمع ٿيل هجڻ لازمي آهن
c) فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) طرفان جاري ڪيل صحيح NTN سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهي، جيڪو فعال ٽيڪس ڏيندڙ هجڻ جي حيثيت جي تصديق ڪري.
d) گذريل پنجن (05) سالن جا انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع ٿيل هجڻ لازمي آهن.
e) سنڌ روينيو بورڊ (SRB) طرفان جاري ڪيل صحيح سيلز ٽيڪس رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ سان گڏ فعال ٽيڪس ڏيندڙ هجڻ جو دستاويزي ثبوت هجڻ لازمي آهي.
f) تخميني لاڳت کان گهٽ رقم وارا بڊز تاريخ 20-10-2025 جي SPPRA نوٽيفڪيشن مطابق سفارش يا رد ڪيا ويندا.
g) آڇ ڏيندڙ کي مڪمل ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 03 منصوبن جا تصويري تفصيل لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر کان صحيحون ۽ تصديق ڪرائي جمع ڪرائڻا پوندا.
h) گذريل پنجن مالي سالن دوران ساليانو ٽرن اوور گهٽ ۾ گهٽ 11.00 ملين رپيا يا ان کان وڌيڪ هجڻ گهرجي ان سان گڏ آڊٽ رپورٽ پڻ جمع ڪرائڻي پوندي، جيڪا FBR جي رڪارڊ سان مطابقت رکندڙ هجي.
i) ٺيڪيدار جي ذمي ڪا به اڳوات ادائيگي رهيل نه هئڻ گهرجي، جنهن جو ثبوت اسٽامپ پيپر تي جمع ڪرائڻو پوندو
j) فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جا سوانح عمري وارا تفصيل ۽ تصديق ٿيل سي ويز جمع ڪرايا وڃن. سول ۽ مڪينيڪل انجنيئرن جي فرم سان ملازمت جا تفصيل پڻ ڏنا وڃن، جيڪي PEC لائسنس ۾ ڄاڻايل تفصيلن سان مطابقت رکندڙ هجن.
k) گذريل پنجن سالن دوران ساڳئي نوعيت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم مڪمل ڪيو ويو هجي، جنهن جي لاڳت ڪم جي تخميني لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ 80 سيڪڙو هجي، ۽ ان ڪم جي ايوارڊ ليٽر جي ڪاپي جمع ڪرائي وڃي؛ يا ساڳئي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪم مڪمل ڪيل هجن، جن مان هر هڪ جي لاڳت تخميني لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو هجي.
l) منصوبي لاءِ موجود مشينري ۽ سامان جي فهرست، انهن جي ملڪيت، ڪرائي يا ليز تي هجڻ جا دستاويزي ثبوت گڏ جمع ڪرايا وڃن.
m) گذريل ٽن سالن جا بئنڪ اسٽيٽمينٽ جمع ڪرايا وڃن.
n) بئنڪ ۾ ٽينڊر جي بڊنگ رقم جو 10 سيڪڙو موجود هجڻ جو ثبوت ڏيڻو پوندو
o) واڪ دستاويزن ۽ فرم جي پروفائيل جي هر صفحي تي صفحو نمبر، آڇ ڏيندڙ جون صحيحون ۽ مهر لڳل هجڻ لازمي آهي.
p) جيڪڏهن حڪومت مقرر ڪيل تاريخن تي ڪنهن به عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر SPPRA رولز 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي رول 41(B) مطابق ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي مقرر شيڊيول تحت جمع ۽ کوليا ويندا.

سپرنٽينڊنگ انجنيئر
(جوڊيشل ورڪس)/PM&IU،
ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي.

iWORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4774/2026

بقايا 1 روزاني عبرت

فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ ڀتا خوريءَ ۾ ملوث ٻن زخمي جوابدارن جهانزاده عرف سليم ۽ فواد علي کي گرفتار ڪري ورتو جن وٽان هٿيار ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ترجمان موجب ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيل ڪارروائي دوران گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ جهانزاده عرف سليم ۽ فواد علي طور ٿي آهي شروعاتي جاچ موجب جوابدار جهانزاده عرف سليم هلندڙ سال آڪٽوبر ۾ پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ ايم پي آر روڊ تي قائم فيضان اسٽيل جي مالڪ کي فتنه الخوارج جي نالي تي ڀتي لاءِ ڌمڪيون ڏنيون هيون ۽ ڀتو نه ڏيڻ جي صورت ۾ سنگين نتيجن ڪان ڊيڄاريو هو جنهن جو ڪيس ٿاڻي اورنگي ۾ داخل ٿيل آهي ترجمان موجب گرفتار جوابدار عادي ڏوهاري آهن جيڪي ڀتا خوريءَ سان گڏ منشيات فروشي ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن جوابدار جهانزاده عرف سليم اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

مارچ ڪيو ويندو جنهن لاءِ حڪمت عملي جوڙي رهيا آهيون ۽ مڪمل تياريءَ سان اسلام آباد وينداسين ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪالهه وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ٿي پر وزيراعظم پيٽروليم ليوي جي حق ۾ ڪو به جواز پيش نه ڪري سگهيو ۽ سندس چوڻ هو ته ان ڪانسواءِ پئسا ڪيٿان گڏ ٿيندا هن چيو ته ايف بي آر ۾ 1300 ارب رپين جي ڪرپشن ٿئي ٿي وزيراعظم ڪان سوال ڪيو ته حڪومت جي نااهليءَ جي قيمت عوام ڇو ادا ڪري رهيو آهي؟ هن چيو ته ريفائنريز ۽ تيل جي مارڪيٽنگ ڪندڙ ڪمپنين جو منافعو وڌي ويو آهي جڏهن ته حڪومت 150 ارب رپين جي ليوي وصول ڪري ٿي ۽ 32 ارب رپين جو رليف ڏئي ٿي رچولي طبقي جا ماڻهو ليوي جي صورت ۾ 110 ارب رپيا ڀتو ڀري رهيا آهن

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪيس 52 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي. اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون جي ترجمان موجب ڊائريڪٽر جنرل اين سي سي آءِ اي علي ناصر رضوي جي هدايتن تي سائبر ڏوهن خلاف ڪارروائي ڪندي ڄاڻايل مرڪز تي ڇاپو هنيو ويو ترجمان جو چوڻ آهي ته مبينا طور تي هن مرڪز ۾ ڌارين ملڪن جي شهرين کي فون ذريعي دوکو ڏئي سندن بئنڪ اڪائونٽن بابت معلومات حاصل ڪئي وينديون هيون، جنهن ڪانپوءِ سندن مالي معلومات جو غلط استعمال ڪري فراڊ ڪيو ويندو هو

بقايا 4 روزاني عبرت

سول جج ڏکڻ ڪراچي جي حڪم تي ڪي ايم سي جي گاڏين ۽ ڳري مشينري ضبط ڪرڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي ٻڌايو پيو وڃي ته عباسي شهيد اسپتال سميت ٻين اسپتالن کي سامان فراهم ڪندڙ 6 ڪمپنين جون ادائيگيون اڃا تائين رهيل آهن

بقايا 5 روزاني عبرت

مهمان خاص ايس يو پي جو مرڪزي صدر سيد زين شاهه هو جنهن پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته سڀ ڪان پهرين ته مهرباني غلام مصطفيٰ جلباڻي جي جنهن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي قومي ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو اهڙيون ڪچهريون شعور پيدا ڪن ٿيون جيڪو سلسلو هلڻ گهرجي هن چيو ته هن ڳوٺ سان منهنجو تعلق رهندو اچي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته آئين ملڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هوندو آهي پر هتي جا حڪمران پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ آئين ۾ هٿراڌو ترميمون آڻي سنڌ کي تباهه ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

ڏيندي چيو آهي ته مصطفيٰ ڪمال ٽي وي اسڪرين تي ويهي حقيقتن کي مسخ ڪرڻ ڪان پاسو ڪري، ذوالفقار علي ڀٽو جو آئين وفاق جي علامت آهي مفاد پرست ٽولو آئين جي غلط تشريح ڪرڻ کان باز رهي هن چيو ته ڀٽو جي آئين ملڪ کي جمهوريت ڏني لساني سياست ڪندڙ آئين جي اهميت کي ڇا ڄاڻن قادر خان مندوخيل چيو ته هڪ طرف ڀٽو جي آئين جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته ٻئي طرف ساڳئي آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي وڃي ٿي آئين جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 تي عمل جو راڳ آلاپيندڙن جي نيت ۾ کوٽ آهي هن چيو ته آرٽيڪل 239 جي شق 4 صوبن جي جاگرافيائي حدن کي تحفظ ڏئي ٿي ان کي صوبن جي ورهاست جو هٿيار نه بڻايو وڃي

بقايا 7 روزاني عبرت

سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ 2016ع ۾ 20 تجويز ڪيل ترميمن تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪينٽونمينٽ وارن علائقن ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي اختيارن، خوراڪ جي ڪاروبار لاءِ لائسنس جاري ڪرڻ معائني دوران مختلف ادارن جي ذميوارين ۾ ٽڪراءُ ختم ڪرڻ ۽ غيرضروري دستاويزن جي شرط ختم ڪرڻ بابت تجويزون پڻ غور هيٺ آيون اجلاس کي بريفنگ ڏيندي مخدوم محبوب الزمان ٻڌايو ته اٿارٽي جي اختيارن بابت ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ اداري جي حق ۾ لکت ۾ قانوني راءِ ڏني آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

ارب رپين کان وڌيڪ مالي بي ضابطگين بابت آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي رپورٽ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته آڊٽ اعتراضن جا شفاف جواب ڏنا وڃن ۽ سرڪاري خزاني جي استعمال بابت عوام کي آگاهه ڪيو وڃي پنهنجي بيان ۾ حليم عادل شيخ چيو ته مالي سال 2023-24ع جي آڊٽ رپورٽ ۾ سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن ۾ 836 ارب رپين کان وڌيڪ مالي بي ضابطگين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪي سرڪاري مالياتي نظام، نگراني ۽ احتساب بابت سنجيده سوال اٿارين ٿيون رپورٽ ۾ اربين رپين جي وصولي سرڪاري رڪارڊ فراهم نه ڪرڻ پرتين خريداري، ترقياتي منصوبن ۽ اندروني مالي ضابطن بابت بي ضابطگين جا اعتراض شامل آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

جسماني فرانزڪ ۽ ڊجيٽل شاهدين گڏ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي جڏهن ته ذميوار ماڻهن جي نشاندهي ڪري رپورٽ تيار ڪرڻ ۽ چالان لاڳاپيل عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي سنڌ حڪومت سمورن لاڳاپيل ادارن کي جي آءِ ٽي سان مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪري چڪي آهي مير رضا علي خان جي فوت ٿيڻ ڪان اڳ واري سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون اچي وئي آهي جي آءِ ٽي ڪراچي جي فيروزآباد ٿاڻي تي داخل ڪيس نمبر 795/2026 جي جاچ ڪندي جاچ دوران موبائل فون اسمارٽ واچ سوشل ميڊيا ۽ ٻين اڪائونٽن جو رڪارڊ پڻ شامل ڪيو ويندو ياد رهي ته مير رضا علي خان 28 جولاءِ تي پاڪستان ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (پي اي سي ايڇ ايس) مان گم ٿي ويو هو

بقايا 10 روزاني عبرت

ٽن ڪڻڪ کڻي جهاز ايم ري گوڪوا ايمر ڪراچي بندرگاهه پهچي ويو آهي ۽ وڌيڪ 59 هزار ٽن ڪڻڪ کڻي جهاز ايم ري گريٽ رينبو 3 نومبر تي ڪراچي پهچندو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ترجمان موجب ملڪ جون غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ جي درآمد ۽ ان جي ترسيل کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪراچي بندرگاهه اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

وڌائڻ سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ڪاروباري ڏکيائين کي گهٽائڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون گڏيل قدم کڻي رهيون آهن ڪاروبار لاءِ اين او سي گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ جاري ڪرڻ ۽ غيرضروري ضابطن کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪئي پئي وڃي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي ۾ ميڊيا سيل ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي وزيراعظم جو صلاحڪار هارون اختر خان صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ جام خان شورو وڏي وزير سنڌ جو خاص معاون قاسم نويد قمر ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار موجود هئا هارون اختر خان چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ڪاروباري معاملن ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي قائم ڪئي آهي جنهن جو اجلاس اڄ سنڌ ۾ ٿيو وفاقي حڪومت لڳ ڀڳ ڏيڍ سال اڳ ان سلسلي ۾ ڪم شروع ڪيو هو

بقايا 12 روزاني عبرت

اعليٰ سطحي پاليسي ڊائلاگ پڻ ٿيو ڊائلاگ ۾ موسمياتي منصوبن لاءِ خانگي سيڙپڪاري وڌائڻ پاليسي ۽ ضابطن ۾ سڌارن ڪاربن فنانس ۽ ڪاربن کي خارج ڪرڻ ۾ گهٽتائي بابت سازگار ماحول پيدا ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

پاليسي ڊائلاگ ۾ صاف توانائي، زراعت، ڪچري جي انتظام، تعميرات ۽ برقي ٽرانسپورٽ سميت 5 شعبن جي 10 پاڪستاني ڪاروباري ادارن ماحول دوست منصوبا سيڙپڪارن آڏو پيش ڪيا. پاڪستاني ماحولياتي منصوبن ۾ ايندڙ ٽن سالن دوران 120 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

بقايا 13 روزاني عبرت

400 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جڏهن ته جناح ۽ سول اسپتال ۾ به روزانو ڪيترائي مريض علاج لاءِ پهچي رهيا آهن طبي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر فيصل محمود موجب ڪراچي ۾ انفلوئنزا جو ايڇ ون اين ون قسم شهرين کي متاثر ڪري رهيو آهي اهو ئي وائرس 2009ع ۾ سوائن فلو جي نالي سان سامهون آيو هو هن چيو ته وائرس ۾ هر سال تبديليون اچڻ سبب نوان قسم ظاهر ٿيندا رهن ٿا، جڏهن ته هلندڙ سال جي آخر تائين انفلوئنزا جي ڪيسن ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي ڊاڪٽر فيصل محمود موجب انفلوئنزا جي سڃاڻپ لاءِ سڀني مريضن جا ٽيسٽ ناهن ڪيا ويندا، پر رڳو سخت بيمار مريضن جي جاچ ڪئي ويندي آهي انفلوئنزا جي پيچيدگين سبب نمونيا سميت ٻيا سنگين طبي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا، تنهن ڪري ان ڪان بچاءَ لاءِ ويڪسين اهم حفاظتي قدم آهي خاص طور تي ٻارن بزرگن ۽ ڪمزور مدافعتي نظام وارن ماڻهن کي انفلوئنزا ڪان بچاءَ جي ويڪسين لڳرائڻ گهرجي ٻئي طرف سول اسپتال ڪراچي جي انچارج ڊاڪٽر عمران سرور شيخ موجب اسپتال ۾ روزانو فلو جي شڪايت سان 70 ڪان 80 مريض رپورٽ ٿي رهيا آهن

بقايا 14 روزاني عبرت

منشيات وڪرو ڪندڙ 5 گٽڪا فروش 18 غيرقانوني افغان شهري ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث 6 جوابدار شامل آهن ڪيماڙي پوليس جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن وٽان 2 پستول 5600 گرام ويڊ، شراب جون 20 بوتلون 16 ڪلو گٽڪو ماوو 350 ڪلو سوپاريون 2 موبائل فون ۽ پوليس جي وردي هٿ ڪئي وئي آهي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 15 روزاني عبرت

نوٽيس ورتو آهي، جنهن ۾ شاهه فيصل ڪالوني ٿاڻي جي حد ۾ ڀاءُ پنهنجي ٻن سڳين ڀينرن کي قتل ڪري ڇڏيو ايس ايس پي ڪورنگي نوٽيس وٺندي ايس پي شاهه فيصل شاهنواز ميمڻ کي واقعي واري هنڌ پهچڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته ڪرائم سين يونٽ ۽ فارينسڪ ٽيم کي پڻ اتي روانو ڪيو ويو شاهه فيصل ڪالوني ٿاڻي جي حد ڊرگ روڊ جي ويجهو نيو رحمان آباد جي گهر نمبر A-9 ۾ افسوس ناڪ فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ ڀاءُ پنهنجي ٻن سڳين ڀينرن کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ابتدائي رپورٽن موجب جوابدار ريحان فائرنگ ڪري پنهنجي ٻن ڀينرن 25 سالن جي صوبيا ۽ 20 سالن جي هيرا کي گوليون هڻي قتل ڪيو ۽ واقعي واري هنڌ ڪان فرار ٿي ويو ڪورنگي جي ايس ايس پي فدا حسين جانوري شاهه فيصل ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي جوابدار جي گرفتاري جو حڪم ڏنو آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

وين جنهن جو افتتاح سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ۽ ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي گڏجي ڪيو يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي جي لان تي يونيورسٽي جي مختلف شعبن جي شاگردن طرفان تعليم صحت، غربت بيروزگاري، سماجي مسئلن سميت مختلف موضوعن تي تحقيقي پروجيڪٽس جا ڪارنر ۽ مختلف سماجي تنظيمن طرفان ثقافتي شين هٿ جي هنرن ڪتابن وغيره جا ڪارنر قائم ڪيا ويا هئا، جڏهن ته 1122 ريسڪيو طرفان پڻ ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ لاءِ آگاهي اسٽال قائم ڪيو ويو هو وائيس چانسلر ۽ ڪمشنر گڏجي ڪارنرن ۽ اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ شاگردن توڙي سماجي تنظيمن کان پريزنٽيشن ورتي فورم ۾ شاگردن کي انٽرنشپ ۽ روزگار ڏيندڙ سماجي ۽ صنعتي ادارن جي نمائندن سان ملاقات ڪرڻ انٽرويو ڏيڻ ۽ پنهنجي سي وي جمع ڪرائڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪيو ويو هو

بقايا 17 روزاني عبرت

خاص سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ فورم ۾ ملڪ توڙي پرڏيهي سيڙپڪارن معدنيات جي شعبي سان لاڳاپيل ڪمپنين مالي ادارن ۽ فني ماهرن شرڪت ڪندا. فورم جو مقصد پاڪستان جي معدني وسيلن ۾ عالمي سيڙپڪاري، جديد ٽيڪنالاجي ۽ فني سهڪار جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اهم مقررين ۾ شامل هوندا

بقايا 18 روزاني عبرت

موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ڪڻڪ بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪڻڪ جي مجموعي دستيابي جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته مقامي منڊين ۾ اگهه برقرار رکڻ جي لاءِ ڪڻڪ جي درآمد جي منصوبن تي پڻ غور ڪيو ويو ان موقعي تي اسحاق ڊار چيو ته ڪڻڪ جا مناسب ذخيرا برقرار رکڻ ۽ اٽي جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي تعطل ڪان بچڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عوام کي مناسب قيمتن تي ڪڻڪ ۽ اٽي جي دستيابي يقيني بڻائڻ جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي وچ ۾ موثر رابطو لازمي آهي. نائب وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته مارڪيٽ جي رجحانن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي، ڪڻڪ جي وڌيڪ فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو رجحان برقرار رکڻ جي لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق، واپار ۽ سامونڊي معاملن وارن سيڪريٽرين سميت سمورن صوبن ۽ لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ تاجڪستان جي پرڏيهي وزير سراج الدين مهرالدين پاڪستان ۽ تاجڪستان جي پراڻي دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون کي سگهه ڏيڻ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي اربع ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار تاجڪستان جي پرڏيهي وزير سراج الدين مهرالدين سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

بقايا 20 روزاني عبرت

سياست اڄ پنهنجي ئي حڪمت عملي جي سوالن ۾ ڦاٿل آهي اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته ناڪام احتجاج، قيادت جي اندر اختلافن ۽ خيبرپختونخواهه جي سياسي بحران ڪيترائي سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن هن چيو ته عوام کي رڳو نعرن ۽ احتجاج جي نه پر امن استحڪام ۽ عملي ڪارڪردگي جي ضرورت آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

آهي. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب گرفتار ٿيل جوابدارن وٽان اٽلي جا جعلي رهائشي اجازت ناما ۽ ٽڪرڻ جون جعلي مهرون هٿ ڪيون ويون آهن جڏهن ته ڪوسوو جي اميگريشن اختيارين پڻ شڪي اجازت نامن سبب ٻنهي پائلٽن کي ملڪ ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو هو ترجمان ٻڌايو ته ٻئي پائلٽ 6 آڪٽوبر تي عمري جي ويزا تي سيالڪوٽ ايئرپورٽ تان سعودي عرب روانا ٿيا هئا. جوابدارن جو منصوبو هو ته ڪوسوو پهچي پناهه جي درخواست ڏيندا ۽ پوءِ اٽلي ويندا. ايف آءِ اي موجب ٻنهي گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ جاچ لاءِ ايف آءِ اي جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل (اينچ ٽي سي) ڪراچي حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

تعاون جي خاطري ڪرائي آهي اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ريلوي وزارت جي انتظامي، مالي ۽ سڌارن وارن معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وفاقي وزير حنيف عباسي وزيراعظم کي پاڪستان ريلوي جي ڪارڪردگي ۽ جاري منصوبن کان آگاهه ڪيو پاڪستان ريلوي جي مال برداري جي

خدمتن کي بهتر بڻائڻ ۽ مسافرن کي جديد سهولتن جي فراهمي وارن قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعظم ريل جي سفر کي محفوظ ۽ بااعتماد بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم ريلوي ۾ شفافيت، سڌارن ۽ عوامي رليف جي شعبن کي ترجيح ڏيڻ کي ورجائيندي پاڪستان ريلوي جي بحالي ۽ انقلابي سڌارن جي لاءِ مڪمل تعاون جي خاطري ڪرائي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڇاڪاڻ ته سخت پابنديون ڪين وي پي اين يا غير منظم ۽ وڌيڪ خطرناڪ پليٽ فارمز جي استعمال ڏانهن راغب ڪن ٿيون اصل چيلنج نوجوان نسل کي جديد ٽيڪنالاجي کان مڪمل محروم ڪرڻ ڪانسواءِ انهن لاءِ هڪ محفوظ ڊجيٽل ماحول فراهم ڪرڻ آهي اربع ڏينهن هتي ڊجيٽل تحفظ سمٽ کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته ٽيڪنالاجي اسان جي طرز زندگي ۽ ننڍپڻ جي روايتي تصورن کي هڪدم بدلائي ڇڏيو آهي ٻار مسلسل اسڪرين جي استعمال هم عمر ساٿين جي دٻاءَ ۽ ٻاهرين سماجي اثرن کي منهن ڏئي رهيا آهن اهڙي ۾ ٻارن جي اسڪرين جي استعمال جي وقت ۽ رات جو دير تائين سوشل ميڊيا جي استعمال کي محدود ڪرڻ جهڙن اهم سوالن تي سنجيده غور ويچار جي ضرورت آهي. هن واضح ڪيو ته اها ذميواري اڪيلي حڪومت، والدين يا رڳو ٽيڪ ڪمپنيون پوريون نٿيون ڪري سگهن پر ان لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز جو گڏيل سهڪار ضروري آهي وفاقي وزير پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) ۽ وڏين ٽيڪ ڪمپنين سان گڏجي عمر جي تصديق جي عمل کي مڪمل محفوظ ۽ فول پروف بڻائڻ تي زور ڀريو ته جيئن ٻارن ۽ ننڍي عمر جي ماڻهن جي تحفظ لاءِ متعارف ڪرايل فيچرز کي موثر طريقي سان لاڳو ڪري سگهجي

بقايا 24 روزاني عبرت

اپ گريڊ ۽ ٽيلي ڪام پيڪيجز جو ڏوکو ڏئي فراڊ ڪندڙ منظم گروهه کي بي نقاب ڪيو ويو ترجمان مطابق اين سي سي آءِ اي گارڊن ٽائون ۽ گلبرگ لاهور ۾ 2 هنڌن تي ڇاپا هڻي 29 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو چڏيو ترجمان مطابق ڪارروائي دوران راڄه مارڪيٽ ۾ قائم "ٽيلي ٽيڪ سالوشنز" ۽ گلبرگ ۾ واقع "الحفيظ ايگزيڪيوٽو" ۾ هلندڙ غيرقانوني ڪال سينٽرز پڪڙي ورتا. جتان 47 ليپ ٽاپس 1 ڊيسڪ ٽاپ ۽ 36 موبائل فون هٿ ڪري ورتا

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪورٽ اسلام آباد ۾ منعقد سادي ۽ شاندار تقريب ۾ سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس محمد علي مظهر جسٽس منيب اختر ڪان وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف ورتو جسٽس منيب اختر چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي سرڪاري دوري تي پرڏيهه ۾ قيام دوران وقتي چيف جسٽس جون ذميواريون انجام ڏيندو حلف برداري تقريب ۾ سپريم ڪورٽ جي ججن ڊائريڪٽر جنرل وفاقي جوڊيشل اڪيڊمي جوڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي سيڪريٽري، سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي سيڪريٽري ۽ لا آفيسرن شرڪت ڪئي سپريم ڪورٽ جا آفيسر ۽ عملو به ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا 26 روزاني عبرت

وڌيڪ مضبوط ڪرڻ واري اڳڀرائي جو جائزو وٺي سگهجي ملاقات ۾ سنڌ جي ڊجيٽل ڪاروباري سهولتن جي قدمن CCoRR پاران منظور ڪيل انتظامي سڌارن جي عملدرآمد، تجويز ڪيل سنڌ آسان ڪاروبار ائڪٽ، صوبائي ۽ وفاقي ڪاروباري پورٽلز جي ڳنڍڻ ۽ عالمي بئنڪ جي بزنس ريڊي (B-READY) فريم ورڪ تحت پاڪستان جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته انتظامي سڌارن جو نتيجو آسان طريقن، تيز منظوري، گهٽ تعميلي خرچن ۽ هڪ شفاف، اڳڪٿي جوڳي سيڙپڪاري واري ماحول جي صورت ۾ ڪاروبار لاءِ واضح فائدن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي مراد شاهه چيو ته سنڌ انتظامي جدت، ڊجيٽل گورننس ۽ سيڙپڪارن جي سهولتن لاءِ مڪمل طور تي ٻڌل آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

محمود، ايڇ آءِ (ايم) اربع ڏينهن پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) نعمان محمود کي سندس مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ اهم ذميوارين ۾ سندس ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام جي لاءِ پاڪستان جي جاري سفارتي ڪوششن کي اجاگر ڪيو ۽ خطي ۾ پائيدار امن کي فروغ ڏيڻ ۾ سگهه دفاعي اتحاد جي اهم ڪردار تي زور ڀريو

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪيو ويو آهي تعليمي ماهرن ۽ اسٽيڪ هولڊرز چيو آهي ته شاگردن ۾ سائنسي سوچ، تخليقي صلاحيتن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ لاءِ عملي سکيا کي اسڪولن جي تعليمي نظام جو حصو بڻائڻ ضروري آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ، ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ ڦر ايجوڪيشن الائنس پاران اسٽيم پاليسي ڊائلاگ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ تعليم کاتي جي عملدارن استادن شاگردن تعليمي ماهرن ۽ سائنس جي شعبي سان لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي شرڪت ڪندڙن چيو ته رڳو سائنس فيسٽيول ڪرائڻ سان شاگردن ۾ سائنسي شعور کي مستقل طور هٿي نٿي ڏئي سگهجي ان لاءِ ضروري آهي ته اسڪولن ۾ سڄو سال سائنسي ۽ تخليقي سرگرميون جاري رکيون وڃن، استادن کي تربيت ڏني وڃي، جديد سکيا لاءِ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ نصاب ۾ عملي تجربن کي شامل ڪيو وڃي هنن چيو ته 2017ع کان جاري اسٽيم سرگرمين جي تجربي کي نظر ۾ رکندي هاڻي اهڙو نظام جوڙڻ جي ضرورت آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

جي قيمت ۾ 3500 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 25 هزار 636 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار 500 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 25 هزار 6 سؤ 36 رپين جو ٿي ويو آهي ۽ 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 3001 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 3 لک 61 هزار 913 رپين مان وڌي 3 لک 64 هزار 914 رپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 31 هزار 765 رپين مان وڌي 3 لک 34 هزار 516 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن مطابق في تولو چانديءَ جي قيمت 61 رپين جي واڌ سان 5854 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 52 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 5018 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي في اونس قيمت 3996 ڊالرز مان وڌي 4031 ڊالرز ٿي وئي

بقايا 30 روزاني عبرت

ٽرمپ چيو آهي ته روس جي صدر ولاديمير پيوٽن ۽ يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي وچ ۾ ملاقات جو انتظام تمام جلد ڪيو ويندو . بنگلاديش جي ميڊيا مطابق ڊونلڊ ٽرمپ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي صدرن جي ملاقات تمام جلد طئي ڪئي ويندي ۽ سندس خيال ۾ ان سان روس - يوڪرين جنگ جي خاتمي لاءِ سفارتي ڪوشش ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي.

بقايا 31 روزاني عبرت

مريض سميت ٻن جيئرا سڙي فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته اسپتال جي [illegible] ٻيا ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن واقعي جي اطلاع تي سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا، واقعي بعد امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن

بقايا 32 روزاني عبرت

اسڪولن جا مسئلا هڪ هفتي ۾ حل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته سرڪاري اسڪول بسن جي ڊائري کي وڌيڪ سگهه ڏني وڃي استادن جون ڀرتيون نج ميرٽ تي ڪيون وڃن سولرائيزيشن کي فروغ ڏنو وڃي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ اسلام آباد ۾ اسڪولن ۾ سڌارن جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو وزيراعظم اسلام آباد ۾ سمورن سرڪاري اسڪولن ۾ انفراسٽرڪچر نصاب، استادن جي تربيت ۽ ٻين سڌارن جي هنگامي بنيادن تي لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن کي هڪ موثر ۽ فعال اداري ۾

تبديل ڪرڻ جي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪندي چيو ته اسلام آباد جي سرڪاري اسڪولن ۾ انفراسٽرڪچر جا سمورا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا وڃن، شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اسڪولن ۾ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي وزيراعظم اسلام آباد ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي غذائي واڌويجهه يقيني بڻائڻ جي لاءِ مفت لنچ جو نظام فعال ڪرڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 33 روزاني عبرت

ٽي آءِ جي ساٿين سان رابطو ڪري چيو ته ان معاملي ۾ سندس به ڪو ڪردار هئڻ گهرجي هن چيو ته ٻئي ڏينهن اوهان آيا، ان وقت راڻا ثناءُ الله به موجود هو ۽ ان موضوع تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي رات جو وزيراعظم جي آفيس مان فون آيو ته وزيراعظم ڪيس مانيءَ تي گهرائڻ چاهي ٿو هن دعوت قبول ڪئي ۽ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ڪان پوءِ وزيراعظم چيو ته لانگ مارچ ختم ڪيو وڃي مولانا فضل الرحمان چيو ته رات ساڍي ڏهين وڳي اسحاق ڊار جو فون آيو ته ڪابينا ان ڳالهه تي راضي ناهي اسان معاملي کي صحيح نموني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پراڻي گورنر راڄ به لاڳو ڪيو ويو ۽ هنگامي حالت به لاڳو ڪئي وئي حڪومت جو چوڻ آهي ته هن آئيني طريقيڪار پورو ڪيو آهي جي يو آءِ سربراهه چيو ته حڪومت آئين جو غلط استعمال ڪيو ۽ طاقت جي زور تي اقتدار جي منتقليءَ جو عمل آندو ويو اوهان آرٽيڪل 2-اي کي نظرانداز ڪيو ۽ غيرسياسي قدم کنيو ڇا بلوچستان ۾ حالتون ان ڪان وڌيڪ خراب ناهن جتي ڪمشنر به اغوا ٿي وڃن ٿا؟ هن چيو ته ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته خان آف قلات جي پٽ کي به اغوا ڪيو ويو آهي ڇا وفاق ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي؟ منهنجي جماعت شهيدن جي جماعت آهي اوهان سون کي مهڻا ڏيو ٿا ۽ اسان جي قربانين جو مذاق اڏايو ويو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

زرداري اسپين ۾ ٽرين جي افسوسناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي اربع ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم ايڪس تي پوسٽ ۾ صدر حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي گهروارن سان دلي تعزيت ۽ زخمين سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو هن مشڪل جي هن گهڙيءَ ۾ اسپين جي قيادت ۽ عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 35 روزاني عبرت

چين جي 'هڪ چين واري پاليسي' جي حمايت ڪندي تائيوان جي هوائي ڪمپنين لاءِ پنهنجي هوائي حد مڪمل طور بند ڪري ڇڏي آهي بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف اربع ڏينهن پرڏيهي خبررسان ادارن سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته پاڪستان جو هوابازي وارو شعبو 'هڪ چين واري پاليسي' تي عمل ڪري رهيو آهي جنهن تحت رڳو چين جي مکيه زميني حصي سان لاڳاپيل هوائي ڪمپنين کي پاڪستان جي مٿان اڏامڻ جي اجازت آهي پروازن جي اچ وڃ تي نظر رکندڙ اداري 'فلائيٽ ريڊار 24' جي انگن اکرن موجب، تائيوان جي ٻن مشهور هوائي ڪمپنين 'چائنا ايئرلائنز لميٽيڊ' ۽ 'ايوا ايئرويز ڪارپوريشن' گذريل هفتي جي پڇاڙيءَ ڪان پنهنجا اڏامڻ وارا رستا بدلائڻ شروع ڪيا ٻنهي ڪمپنين 25 آڪٽوبر جي صبح ڪان پاڪستان جي هوائي حد استعمال ڪرڻ مڪمل طور بند ڪري ڇڏي آهي ڪان پوءِ ايشيا ۽ يورپ وچ ۾ انهن ڪمپنين جون گهٽ ۾ گهٽ 12 اڏامون روس جي مٿان گذريون آهن بلومبرگ موجب، چائنا ايئرلائنز ۽ ايوا ايئر هن معاملي تي تبصرو ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو آهي جڏهن ته تائيوان جي پرڏيهي معاملن واري وزارت جو به ترت ڪو ردعمل سامهون نه آيو آهي تائيوان جي شهري هوابازي واري اداري اڏامن جا رستا بدلائڻ بابت ڪو تبصرو نه ڪيو پر اداري جو چوڻ هو ته هن پنهنجي هوائي ڪمپنين کي ڪڏهن به روس جي هوائي حد مان گذرڻ ڪان نه روڪيو آهي جيتوڻيڪ روس تائيوان جي هوائي ڪمپنين تي ڪڏهن به ڪا باقاعدي پابندي نه لڳائي هئي پر يوڪرين جنگ ڪان پوءِ ايشيا، يورپ ۽ اتر آمريڪا جي ڪيترين ئي هوائي ڪمپنين وانگر تائيوان جون ڪمپنيون به روس جي هوائي حد استعمال ڪرڻ ڪان پاسو ڪنديون رهيون هيون بلومبرگ جو چوڻ آهي ته پاڪستان جون تازيون پابنديون پاڻ چين جي پاليسيءَ ڪان به وڌيڪ سخت آهن ڇاڪاڻ ته چين تائيوان جي هوائي ڪمپنين کي پنهنجي هوائي حد مان گذرڻ جي اجازت ڏئي ٿو تائيوان جون هوائي ڪمپنيون ايشيا ۽ يورپ وچ ۾ پنهنجون اڏامون هلائڻ لاءِ وڏي حد تائين پاڪستان جي هوائي حد تي ڀاڙينديون رهيون آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

حمايت يافته فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي ٻه ڪارروائيون ڪيون جنهن دوران 9 دهشتگردن کي ماريو ويو پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب ضلع ڪيچ ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪان پوءِ 7 سرگرم دهشتگرد جهنم پهچايا ويا ڪارروائي دوران هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو ضلع ٽڪ ۾ ڪيل هڪ ٻي ڳجهي ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي چرپر جو پتو لڳائي کين گهيري ۾ آندو شديد فائرنگ جي ڏي وٺ بعد ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم وڌيڪ 2 دهشتگردن کي ماريو ويو واقعي واري هنڌ تان هٿيار ۽ گولا بارود ۽ قبضي ۾ ورتو ويو علائقي ۾ موجود ٻين ڀارتي سرپرستي يافته دهشتگردن جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري آهي نيشنل ايڪشن پلان جي فيڊرل ايپيڪس ڪميٽي جي منظور ڪيل ويزن عزم استحڪام تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي دهشتگرديءَ جي خاتمي جي پختي مهم پوري قوت سان جاري رهندي ته جيئن ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ حمايت يافته دهشتگرديءَ جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪيو وڃي

بقايا 37 روزاني عبرت

صلاحيتن، حڪمت عملي ۽ جرئت کي ساراهيو هن چيو ته ڀارتي اسپانسرڊ عنصرن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون انتهائي واکاڻ جوڳيون آهن پوري قوم دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي لاءِ پنهنجي فورسز سان گڏ بيٺل آهي هن واضح ڪيو ته "فتنه الهندستان" جي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪڻ جي جاءِ نه ملندي

بقايا 38 روزاني عبرت

واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان جو روانگي واپار 2026ع ۾ 435 ملين ڊالر تائين پهچي ويو جڏهن ته فري لانسرز روانگي واپار مان 197 ملين ڊالر آمدني حاصل ڪئي اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته اهي نمايان انگ اکر پاڪستاني نوجوانن جي صلاحيتن ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي ڊجيٽل خدمتن جي وڌندڙ طلب جا عڪاس آهن هن چيو ته مضبوط ڊجيٽل معيشت پاڪستان ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، روزگار ۾ اضافي ۽ پرڏيهي ناڻو حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ڪري رهي آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

بنيادي سهولتون ۽ روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهي آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته صوبي ۾ صنعتي زونن جي قيام ۽ ٻين قدمن سان عوام کي روزگار جا نوان موقعا ملي رهيا آهن. سنڌ حڪومت صنعتي زونن ۾ سيڙپڪاري لاءِ عالمي سيڙپڪارن کي اڳتي آڻڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي سنڌ ترقي ڪندي ته پاڪستان جي معيشت به مضبوط ٿيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ملڪ کي درپيش چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورين سياسي جماعتن کي پيپلز پارٽيءَ وانگر سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو سياسي جماعتن کي بيان بازيءَ بدران پنهنجي توجهه عوام کي رليف ڏيڻ ۽ عملي قدمن تي مرڪوز ڪرڻ گهرجي هن چيو ته شهيد بي بي جمهوريت، عوامي حقن ۽ مضبوط وفاق لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪئي، پيپلز پارٽي انهن جي اصولن تي قائم آهي سنڌ حڪومت عوام کي بهتر سفري سهولتون ترقياتي منصوبا ۽ بنيادي خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، اسان جي ترجيح اهڙا قدم کڻڻ آهي جن جا ثمر عام عوام تائين پهچن

بقايا 40 روزاني عبرت

دلي تعزيت ڪئي آهي اربع ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ چيو ته پاڪستان ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ اسپين سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

خدمتن دوران مختلف نوعيت جي 23 هزار کان وڌيڪ ڪيسن جا فيصلا ڪري چڪو آهيان هن 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن تي خدشا ظاهر ڪندي چيو ته انهن تبديلين هاءِ ڪورٽن جي آزادي ۽ اداري جي خودمختياريءَ کي متاثر ڪيو آهي هن عدالتي معاملن ۾ انتظاميا جي وڌندڙ اثر رسوخ تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ چيو ته ان سان عدليا جي آزادي ۽ انصاف واري عمل تي عوام جو اعتماد متاثر ٿيو آهي جسٽس محسن اختر ڪياني چيو ته عهدو ڇڏڻ ڪان پوءِ به هو وڪالت ذريعي ماڻهن جي حقن جي بچاءَ ۽ قانوني ڄاڻ وڌائڻ لاءِ پنهنجو ڪم جاري رکندو واضح رهي ته هڪ ڏينهن اڳ جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ جي بدلي لاهور هاءِ ڪورٽ جي راولپنڊي واري بئنچ ۾ ڪئي وئي هئي ان ڪان اڳ هلندڙ سال اپريل ۾ به جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ سميت ٻين ججن کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪيو ويو هو جسٽس محسن اختر ڪيانيءَ کي 11 فيبروري 2032ع تي رٽائر ٿيڻو هو

بقايا 42 روزاني عبرت

بنيادن تي ڪيل آپريشنز دوران 9 دهشتگردن جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز جون ڪامياب ڪارروايون سندن پيشورانه مهارت ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ عزم جو واضح ثبوت آهن هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروايون ڪري ملڪ کي وڏي نقصان کان محفوظ بڻايو دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ امن امان جي قيام لاءِ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشنز جاري رهڻ گهرجن گورنر سنڌ چيو ته وطن عزيز جي امن سلامتي ۽ استحڪام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ساراهه جوڳيون آهن پوري قوم ملڪ دشمن عنصرن خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي، دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ ضروري آهن

بقايا 43 روزاني عبرت

ڇڏي فرار ٿي ويا. ڪوٽڙي سائيٽ ۾ بدامني تي ضابطو اچي نه سگهيو خدا جي بستي ٿاڻي جي پوسٽ ٽيليگراف پرسان آل آصف ڪالوني وٽ ٽن هٿيارٻند ڦورن جي ڪارروائيءَ ۾ گهر اڳيان بيٺل نوجوان سيد اختيار علي شاهه ڪان زبردستي موبائل فون ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي . نوجوان پاران سخت مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو خوف مان ڦورو موٽرسائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويا . ڄاڻايل واقعي تي سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا جن سخت احتجاج ڪيو شهرين ايس ايس پي ڄامشورو ڪان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 44 روزاني عبرت

جو آڌرڀاءُ ڪندي چيو آهي ته ۹ فتني الخوارج جي مارجي وڃڻ دهشتگرديءَ خلاف سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي آهي هن چيو ته پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون وڏي وزير سيڪيورٽي فورسز جي بهادري، جرئت ۽ پيشاورانه مهارت کي سلام پيش ڪندي چيو ته دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ساراهه جوڳيون آهن مراد علي شاهه چيو ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي ملڪ مان دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي لاءِ قومي اتحاد ۽ ايڪتا ضروري آهي هن چيو ته دهشتگرديءَ خلاف جاري آپريشن ۾ ڪاميابي ملڪ جي امن استحڪام ۽ سلامتيءَ لاءِ لازمي آهي

بقايا 45 روزاني عبرت

پاڪ ڪالوني واري علائقي ۾ ڀتي خوريءَ خلاف ڪارروائي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي آهي پاڪستان رينجرز سنڌ جي ترجمان موجب ڪارروائي دوران رينجرز ايس آءِ يو پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو جڏهن ته وڌيڪ نفري پڻ طلب ڪئي وئي ترجمان موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻن ڀتي خور جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جا اطلاع آهن جن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي

بقايا 46 روزاني عبرت

وڊيو جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ڏکڻ کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي آهي ته وڊيو ۾ نظر ايندڙ نوجوانن جي سڃاڻپ ڪري فوري ڪارروائي ڪئي وڃي جڏهن ته مبينا وڊيو جي سچائي ۽ واقعي جي حقيقتن جي پڻ مڪمل جاچ ڪئي وڃي ضياءُالحسن لنجار چيو ته هٿيارن جي زور تي شهرين کي خوفزده ۽ هراسان ڪندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هن هدايت ڪئي ته واقعي جي تصديق ٿيڻ جي صورت ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي اهو بيان سنڌ حڪومت جي گهرو ۽ قانون واري وزير جي ترجمان پاران جاري ڪيو ويو آهي

حڪومتِ سنڌ
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ،
پروجيڪٽ مئنيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ (PMIU)،
اسڪول انفرا اسٽرڪچر ڊولپمينٽ / SERP-II،

نمبر: PMIU/SERP-II(SID)/NIT/2026-27/408، ڪراچي، بتاريخ 22-10-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ٽينڊر هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت، لاڳاپيل تجربي ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ مناسب ڪيٽيگريءَ جي درست رجسٽريشن پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC)، ايف بي آر جي ايڪٽو ٽيڪس پيئرلسٽ (ATL) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان رجسٽرڊ اهل دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن / فرمن / پارٽين کان هيٺين اسڪيمن / ڪمن لاءِ SPPRA رولز_2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) / اي_پروڪيورمينٽ جي جمع ڪرائڻ وارين گهرجن مطابق، پرنٽ ميڊيا ۽ SPPRA جي EPAD پورٽل ذريعي ٽينڊر طلب ڪيا وڃن ٿا:

شمار نمبر	تفصيل	ڪٽيل رقم	بڊ سيڪيورٽي	PEC ڪيٽيگري	مڪمل ٿيڻ جو مدو	ٽينڊر في
	ضلعي سکر اضافي سهولتن جي فراهمي ۽ موجوده مڊل هاءِ /هائير سيڪنڊري اسڪولن جي مرمت ۽ بحالي (SDG#4)، ADP # 430 / 2026-27، پيڪيج_12.	55.754 ملين	2.785 ملين	C-5 يا ان کان مٿي، ڪوڊز CE09، CE10 ۽ EE04 سان	24 مهينا	5,000/_
.i	- GGHSS بيراج ڪالوني هائير سيڪنڊري اسڪول، SEMIS ڪوڊ 418030072					
.ii	- GBHSS ڪامپريهينسو هائير سيڪنڊري اسڪول، سکر، SEMIS ڪوڊ 418050146					

ٽينڊرن جو شيڊول هيٺينءَ ريت هوندو:

- واڪ دستاويزن ۾ موجود لاڳاپيل معلومات SPPRA جي ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocure.gov.pk)تان اشتهار جي اشاعت جي تاريخ کان آخري تاريخ تائين حاصل / ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي.
- واڪ لازمي دستاويزن سميت 16.11.2026 تي منجهند 2:30 وڳي تائين E-PAD سسٽم ذريعي جمع ڪرايا ويندا. ان سان گڏ -/5,000 رپين جي ناقابلِ واپسي ٽينڊر في، "پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، PMIU/SERP-II/SID" جي نالي پي آرڊر جي شڪل ۾، ۽ بڊ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر / ڊيمانڊ ڊرافٽ / پاڪستان جي ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ پاران جاري ڪيل بئنڪ گارنٽي جي شڪل ۾ جمع ڪرائڻ لازمي هوندي، جيڪا بڊ جي ڪارآمد رهڻ واري تاريخ کان وڌيڪ 28 ڏينهن تائين ڪارائتي هجي. بڊ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل واڪ دستاويزن سان گڏ لڳائڻ لازمي آهي. بڊ سيڪيورٽي شرڪت ڪندڙ ڪمپني / فرم جي پنهنجي اڪائونٽ مان جاري ٿيل هجڻ گهرجي.
- شروعاتي طور ٽيڪنيڪل آڇ ساڳئي تاريخ تي منجهند 3:00 وڳي E-PADS آڇ طريقيڪار تحت پروڪيورمينٽ ايجنسي جي مقرر ڪيل ڪميٽين پاران، SPPRA رولز_2010 (تازين ترميمن سميت) مطابق، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، PMIU/SERP-II/SID جي آفيس، بنگلو هائوس نمبر A-5/2، يونٽ 6، اسٽريٽ نمبر 4، گلشنِ فيصل، باٿ آءِ لينڊ، ڪراچيءَ ۾ کوليا ويندا. آڇ کولڻ واري اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جا خواهشمند واڪ ڏيندڙ يا سندن بااختيار نمائندا موجود ٿي سگهندا.
- اصل ٽينڊر في، بڊ سيڪيورٽي ۽ اي_اسٽيمپنگ وارا حلف نامه مهربند لفافي ۾، هٿوهٿ يا رجسٽرڊ ٽپال ذريعي، آڇ جي عمل شروع ٿيڻ کان اڳ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، PMIU/SERP-II/SID جي آفيس، بنگلو هائوس نمبر A-5/2، يونٽ 6، اسٽريٽ نمبر 4، گلشنِ فيصل، باٿ آءِ لينڊ، ڪراچي ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهن.
- جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري مٿي ڄاڻايل تاريخ تي ٽينڊرن جو جواب وصول نه ٿئي ته پوءِ ٽينڊر اپلوڊ / جمع ڪرائڻ جي ايندڙ تاريخ 30.11.2026 منجهند 2:30 وڳي تائين هوندي ۽ آچون ساڳئي ڏينهن منجهند 3:00 وڳي کوليون وينديون.
- آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن هوندو.

شرطن ۽ ضابطا:

- جيڪڏهن آڇ کولڻ جي تاريخ يا جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ حڪومت پاران عام موڪل قرار ڏني وڃي يا ڪنهن به سبب جي ڪري هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس / هيڊڪوارٽر ۾ موجود نه هجي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري غير ڪم ڪندڙ ڏينهن هجي ته پوءِ ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن کي ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ تصور ڪيو ويندو. وقت ۽ هنڌ ساڳيا رهندا.
- صرف آن لائن بڊز قبول ڪيون وينديون؛ ڪا به فزيڪل / دستي آڇ وصول نه ڪئي ويندي.
- ڪامياب واڪ ڏيندڙ سان معاهدي تي صحيحون ٿيڻ يا آڇ جي ڪارآمد رهڻ جو مدو ختم ٿيڻ کان پوءِ، ناڪام واڪ ڏيندڙ جي بڊ سيڪيورٽي ستن ڏينهن اندر واپس ڪئي ويندي.
- ٽينڊر / واڪ دستاويزن ۾ ڄاڻايل آڇ ڊيٽا، اهليت جي معيار ۽ لازمي معيار جون سڀئي شقون هڪجهڙي اهميت رکن ٿيون ۽ ڪنهن به شق تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ بڊ رد / نااهل قرار ڏنو ويندو.
- اڻپورا ۽ مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا. پروڪيورمينٽ ايجنسي، SPPRA رولز 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن جي تابع، آڇ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت سڀئي يا ڪنهن به آڇ / ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي.

نوٽ:

1. پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ پاران تصديق لاءِ طلب ڪرڻ تي سڀئي اصل دستاويز ڏيکارڻ لازمي هوندا.
2. جيڪڏهن ڪو به جعلي دستاويز مليو ته ٽينڊر بغير ڪنهن معاوضي جي رد / منسوخ ڪرڻ جوڳو هوندو ۽ ضابطن موجب ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويندو.
3. ٽينڊر جي سلسلي ۾ سفارش يا ناجائز اثراندازي ڪرڻ سختيءَ سان منع آهي ۽ اهڙي عمل ۾ ملوث ڄاڻايل ٺيڪيدارن پاران جمع ڪرايل تجويزون رد ڪرڻ جوڳيون هونديون.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
(PMIU/SERP-II)/SID
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

گهر نمبر A-5/2، يونٽ 6، اسٽريٽ نمبر 4،
گلشنِ فيصل، باٿ آئليند، ڪراچي.
فون: 021-99332643
اي ميل: pmiuserpsid@gmail.com

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4772/2026

ڪوٽڙي ۾ ٻن ڄڻن جي گرفتاري خلاف ڳوٺاڻن جو ٽائر ساڙي ڌرڻو نيشنل هاءِ وي بلاڪ، پوليس سان چڪريون

سائيٽ پوليس ڦرجي ڪيس ۾ گهربل هجڻ جي الزام هيٺ عيوض نويد برفت ۽ قربان برفت کي گرفتار ڪيو

ڳوٺ مانجهي برفت جا رهواسي احتجاج ڪندي روڊن تي نڪري آيا. ڪراچي واهه پرسان فلائي اوور تي ڌرڻو

ڌرڻي سبب ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل پوليس گهرن ۾ داخل ٿي تشدد ڪري بيگناهه نوجوان گرفتار ڪيو آهي: الزام

ڪوٽڙي/سائيٽ (رپورٽ: حسين شورو/ نعيم سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي مبينا ڪاروائي ڦر جي ڪيس ۾ ٻن گهربل جوابدارن عيوض نويد برفت ۽ قربان برفت گرفتار. رد عمل ۾ ڳوٺ مانجهي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: نويد برفت ۽ قربان برفت کي گرفتار ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻا روڊ تي ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن ٻئي طرف پوليس سان ٿيل چڪرين جو ڏيک

ڪنڌڪوٽ لڳ پوليس ڪانسٽيبل نصرالله پنگوار مبينا اغوا، گهر ۾ روڄ راڙو

سنڌ بلوچستان سرحدي پٽيءَ جي رسالدار واري علائقي مان هٿياربندن اهلڪار کي اغوا ڪري ويا: وارث

پئسن جي ڏيتي ليتي تان تڪرار جو شڪ، وارثن جو ٻگٽي برادري جي هٿياربندن تي الزام

پوليس اهلڪار جي بازيابيءَ لاءِ ڪا اڳڀرائي نه ٿي، ڪشمور پوليس جو موقف سامهون نه اچي سگهيو

ڪنڌڪوٽ (ڏ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ رسالدار ۾ نامعلوم هٿياربندن مبينا طور پوليس ڪانسٽيبل نصرالله پنگوار کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن ڪنڌڪوٽ لڳ سنڌ بلوچستان جي سرحدي پٽي واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن پوليس ڪانسٽيبل نصرالله

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: رياض چانڊيو

سنڌ جي ورهاست جون ڳالهيون ڪندڙ وائيس چانسلر کي عهدي تان هٽائي گرفتار ڪيو وڃي

سنڌ جي وسيلن تي قبضي ۽ حقن جي لتاڙ خلاف هر روڊ ۽ گهٽيءَ ۾ تحريڪ هلائينداسين

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) جيئي سنڌ محاذ جي سربراهه . جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جي ڪنوينر رياض علي چانڊيو 22 نومبر تي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊوالهيار عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 25 سال قيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 25 سال

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ هٿياربندن جي ڪاسائين کان لکين روپين جي ڦرلٽ

تارا باغ اسٽاپ وٽان هٿياربند واپارين کان 20 لک روڪ ۽ سامان ڦري ويا

رهواسين پاران واپارين کان امن امان قائم رکڻ ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي تارا باغ اسٽاف لڳ ڪار ۾ سوار هٿياربندن ٽنڊوآدم کان شاهپور چاڪر مال پڙي تي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ چيتن ڪتن 3 ٻارڙن کي ڏاڍي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

الله آباد واري علائقي واسي شاهد، شاڪر ۽ علي رضا کي وارث اسپتال کڻائي آيا

ميونسپل ڪميٽي کي لکين روپين جي بجيٽ ملڻ باوجود ڪتا مار مهم شروع نه ڪئي: وارث

خيرپور(ڏ ر)خيرپور شهر جي مختلف علائقن ۾ چيتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي جڏهن ته الله آباد واري علائقي ۾ 3 ٻارڙن کي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان مال جي پيهل تان شر برادري ۾ جهيڙو، نوجوان زخمي، احتجاج

ڳوٺ محمد مشتاق انڙ ۾ ٻڪريون پوک ۾ پوڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالقدير شر کي وارثن اسپتال داخل ڪرائي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو

خيرپور(ڏ ر)خيرپور پرسان مال جي پيهل تان شر برادري ۾ جهيڙوليون لڳڻ سبب سخت نوجوان زخمي احتجاج ٿري ميرواهه

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميهڙ تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ، ايمبولينس نه ملڻ خلاف مريضن جي وارثن جو احتجاج

اسپتال ۾ دوائن ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ آهي، مريضن جو صحيح معائنو به نٿو ٿئي: وارث

